# گروپ جا گل ڦل



پروفائيل

غلام سيده فاطمه

# غلام سيده فاطمه جا "گروپ جا گل ڦل" جي سري هيٺ لکيل پروفائيل

مون ڪجھ سال اڳ واٽس اپ تي "آئيڊيلس آف ڊاڪٽر پناڻ" جي نالي سان گروپ ٺاهيو. ان جي هڪ ميمبراڻي غلام سيده فاطمه گروپ جي سمورن ميمبرن جا پروفائيل لکيا ۽ گروپ ۾ شيئر ڪيا، جيڪي گهڻو پسند ڪيا ويا. غلام سيده فاطمه جي لکڻيءَ ۾ ميمبرن بابت ڀرپور معلومات اهڙي ته سهڻي تاثراتي رنگ ۾ رتل هئي، جنهن لاءِ مون ضروري ڄاتو ته انهيءَ بهتر قلمي پورهئي کي پنهنجي ويب سائيٽ تي رکان ته جيئن غلام سيده فاطمه جي لکڻي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ٿي وڃي ۽ غلام سيده فاطمه جي محنت ۽ محبت جي مڃتا پڻ ٿي سگهي. جن شخصيتن تي هُن لکيو، انهن جي نالن جو وچور هن ريت آهي

1. وينا شرنگي جنهنجي همه گير شخصيت رنگ برنگي
2. ."شيخ محمد اسلم - خدمت  خيرخواهي جنهن جو ڪم
3. ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ پروفيسر- تحقيق ۽ تدريس جو بحر
4. پروفيسر جسٽس شيخ شهزادو- جيترو وڏو ماڻهو اوترو سادو
5. شازيه خشڪ راڳ جي راڻي- پيار ۽ امن جو پرچار سندس ڪهاڻي
6. علي سروهي- جنهن سرت سموهي
7. شالني ساگر-علم ادب ۽ ماڻهپي جو گهر
8. ونيش خوبچند ديوجاڻي- وڏڙن جي وطن جي جنهن جي واڻي
9. ممتاز پناڻ - جيڪو ملهائي ٿو پاڻ
10. زوار زاهد علي پناڻ- جو پنج تن کي مڃي سرواڻ
11. ڪرم الله کوهارو- ڊاڪٽر پناڻ جو پيارو
12. پناڻ محسن علي- رسدا رب ڪندس ڀلي
13. مدثر زاهد -هن گروپ جو ننڍڙو ميمبر
14. ڊاڪٽر واجد حسين عباسي-الله نه ڪندس اداسي
15. ذوالفقار ڀهڻ - علم ادب جو ٿڌو وڻ

16. ڊاڪٽر حفيظ قريشي
17. ڊاڪٽر شهنيلا زرداري-منهنجي اڻ-ڏٺي  ڀيڻ پياري
18. نفيس فاطمه جعفري-علم ۽ حلم واري نيگري
19. حرا چنا - پڙهيائين دين ڌرم جا پنا
20. شاهده پروين ابڙو- سندس خاندان وڏ-و شخصيت ڙو
21. حسينه جتوئي- لڄ ۽ حياء جي لوئي
22. عينه مقدس امام- وڏي ذات وڏو نام
23. ڊاڪٽر وحيد جتوئي- خلوص خدمت سندس دل ۾ سيوئي
24. شبير شيخ صاحب - سدا خوش رکيس رب
25. ڊاڪٽر ساند عبدالستار - سندس باغ بهار
26. مهراج رميش ڪمار-غريبن جو يار
27. نثار احمد ساگر قبولائي-شاعرئ سان هن پريت نبائي
28. رميز راجا-جنهن جي دل دماغ نفرت کان آجا پاجا
29. ڊاڪٽر احسان دانش پناڻ- علم ادب جو اهڃاڻ
30. محمد رفيق بروهي-سٺو شاعر آهي جو ئي
31. سائين منان هن گروپ جو شان
32. سارنگ ساقي-ڀيڻ جي ذات جو اوطاقي

# “وينا شرنگي جنھنجي ھمه گير شخصيت رنگ برنگي “

ھن گروپ ۾ واقعي آدرشن جي اڪثريت آھي. ميمبر سڀ محبتي ۽ مانائتا آھن سندن پوسٽنگس پڙھي اتساه ملندو آھي. سڀ وڏن عھدن رتبن وارا آھن. سائين منان ميمڻ جھڙوڪ گروپ جو ھڪ فعال سرپست ميمبر آھي. ھو داد ڏيڻ ۾ اڳرو آھي. ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ پرو وائيس چانسلر آھي. سائين محمد اسلم شيخ رٽائيرڊ سيڪريٽري آھي. سائين شبير شيخ رٽائيرڊ ڊي آء جي آھي. حرا چنا ۽ نفيسه تعليم کاتي ۾ آھن . حرا ته تحقيق به ڪري ٿي. ڊاڪٽر ساند صاحب ۽ ڊاڪٽر زرداري پروفيسر آھن. ممتاز ۽ محسن ڊاڪٽر پناڻ جا ساڃا ھٿ آھن. مان انھن ۽ ٻين ميمبرن تي ھتي وقت ملندو ويندو ته لکندس. سڀني کي ياد ڪبو. سندن گروپ ۾ ڪارڪردگي مان ورتل معلومات ۽ اتساه جي آڌار تي لکندي رھندس.

اڄ مون وينا شرنگي جو انتخاب ڪيو آھي. وينا شرنگي جي زندگي جو وڏو عرصو ريڊيو جي دنيا سان گذريو آھي. اھا جيئن منھنجي ھن سان نسبت ۽ ھڪ جھڙائي آھي. ڇو ته شادي کان اڳ مون به ريڊيو ۽ ٽيليويزن ۾ ڪم ڪيو. وينا شرنگي سان منھنجي غائبانه ملاقات رھي آھي. سالن کان سندس ريڊيو پروگرام ٻڌندي رھيس. ھتي ھن گروپ تي سندس پوسٽس پڙھڻ جو موقعو مليو آھي. ھن بابت ممتاز پناڻ به وينا جا فوٽو ۽ ٻيو ماد رڪندو رھيو آھي. ان سمورن معللوماتي ذريعن مان وينا جي آدرشي ڪردار جو پتو يم. وينا شرنگي فيس بوڪ تي ڪونھي. ان ڪري سندس پروفائيل ۽ سوانح ھٿ ڪرڻ ۾ ٿورو مونجھارو ٿيو. پر مھنجي محدود مگر ڪارائتن ڪتابن تي مشتمل ذاتي لائبرري آھي. عبدالستار پڙي جو لاڙڪاڻي جي شخصيتن تي ڪتاب ۽ “ڪونج” رسالي جو “ وينا نمبر“ پنھنجي ذاتي لائبرري ۾ موجود آھن جن جي آڌار تي ھه ٿي لفظ لکان ٿي.

وينا شرنگي 1948 ۾ شھداد ڪوٽ ۾ ڄائي. سندس والد مھاراج گوپي چند مشھور سماجي ڪارڪن ۽ مقامي سياستدان ھئو. وينا شرنگي ۽ سندن خاندان ڀارت لڏي ويو. وينا جو جسم اتي آھي پر روح ھتي اٽس. ھن پنھنجي محنت ۽ محبت سان وڏو مقام ماڻيو آھي. شاعره آھي ڪيترن ڪتابن جي ليکڪا آھي. ڪيترا ملڪ گھمي ڏٺا اٽس.ڪيترن سيمينارن جي علمي قلمي سونھن رھي آھي. “مارئي“ جي نالي پنيان تنظيم ٺاھي اتي وڏا علمي ۽ ادبي ڪم ڪري ٿي. ھن گروپ جي مانائتي ميمبرياڻي شالني ساگر سندس ڀيڻ ٿئي. منھنجي وينا شرنگي لاء دعا آھي ته جڳ جڳ جيئي ۽ سنڌيت خواه سنڌي ٻولي جي خدمت ڪندي رھي. (سيده فاطمه)

# "شيخ محمد اسلم - خدمت  خيرخواهي جنهن جو ڪم "

مون جڏهن گروپ جوائن ڪيو ته خبر پوءِ پئي ته آئون بزرگن ڏاهن ۽ مون کان وڏيڪ پڙهيلن جي قهڪشان ۾ اچي پهتي آهيان ۽  منهنجي چوڌاري وڏن ماڻهن جي ڇانو آهي. اسان نياڻيون هن مرد- معاشري ۾ ڦوڪي ڦوڪي پير رکنديون آهيون. پر جڏهن پڪ ٿيندي آهي ته ڪي محسن ۽ مهربان اولاد جهڙي اپنائيت جو احساس ڏيارن ٿا ته پوءِ

اعتماد جي ماحول ۾ نسبتن ۽ عقيدتن جي دنيا قائم ڪري ڇڏينديون آهيون . هن گروپ اسان کي اهڙو ماحول ميسر ڪيو آهي.  مون اهڙي ئي ماحول جي قرض لاهڻ لاءِ همت ڪري قلم هٿ ۾ کنيو ۽ هي سلسلو شروع ڪيو. منهنجي هيءَ ڪا تحقيقي ڪوشش ناهي جو هر شخصيت جو سوانحي خاڪو چٽيان. هن قلمي پورهي کي ادب جي دنيا ۾ "تاثراتي خاڪا" ئي چوڻ مناسب ٿيندو. هن گروپ ۾ شخصيتن جي سرگرمين جو غور سان مطالعو ڪندي آهيان ۽ ڪن مهربانن جي شيئر ڪيل پوسٽس مان نوٽس به وٺندي محفوظ ڪندي آهيان. اهو ئي "معلوماتي ذريعو" هوندو اٿم. گوگل ۽ فيس بوڪ تي مهربانن بابت موجود معلومات مان استفادو ڪندي آهيان ۽ ان جي آڌار تي ڪنهن شخصيت بابت "تاثراتي خاڪو" لکڻ ويهندي آهيان.

سائين محمد اسلم شيخ پاڻ هتي ۽ فيس بوڪ تي پوسٽس شيئر ڪندو آهي. ممتاز پناڻ ۽ ڊاڪٽر پناڻ صاحب به سائين شيخ صاحب بابت ڇڳو خاصو مواد هن گروپ ۾ شيئر ڪيو آهي. ادي وينا شرنگيءَ منهنجي پوسٽ تي تبصرو ڪندي لکيو هئو ته سائين محمد اسلم صاحب شهدادڪوٽ جي تاريخ تي ڪتاب لکيو هو. مطلب اها سندس آڳاٽي ڪوشش هوندي. فيس بوڪ تان خبر پئي ته هن سائين ٻيا ڪتاب به لکيا آهن . انهن ڪتابن مان هڪ سندس شاعريءَ تي آهي ۽ ٻيو غالبن سفرامو آهي.

سائين محمد اسلم عدليه ڪاتي ۾ به وڏي عهدي تي رهيو آهي ۽ سنڌ حڪومت جي قانون واري ڪاتي جو سيڪريٽري به رهيو آهي.  ادي وينا جي اشاري مان مون اندازو لڳايو ته شيخ صاحب ۽ ادي وينا شرنگي ٻئي شهدادڪوٽ جا آهن ۽ شايد شهدادڪوٽي سماجي ڪمن ۽ خدمتن ۾ گهڻن کان اڳرا آهن. ان ڪري سائين محمد اسلم شيخ جي به سماجي خدمتن ڪرڻ کان سواءِ ڪين سرندي.

شيخ صاحب منان صاحب ۽ ڊاڪٽر ساند صاحب اهڙي ئمورتي آهن جيڪي گڊ مارنگ وش وغيره جا ڪارڊ پاڻ ناهن ٿا ۽ پنهنجو نالو به ان ۾ چٽو ڪري ڏين ٿا. شيخ صاحب جي تبصرن ۾ وٽندڙ نوڪ جهوڪ هوندي آهي. جڏهن منان صاحب ۽ شيخ محمداسلم صاحب جڏهن هڪ ٻئي تي تبصرن ۽ جوابي تبصرن جي ڪاروائي شروع ڪندا آهن ته ڏاڍو مزو ايندو آهي.

منهنجي دعا آهي ته سائين محمد اسلم شيخ صاحب وڏي ماڻي. ڪيترن لاءِ شفقت جي ڇانو ٿي رهن. اسان کي به دعائن ۾ ياد رکندا رهن (سيده فاطمه)

# ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ پروفيسر- تحقيق ۽ تدريس جو بحر“

جيئن جيئن وڃي ٿو وقت گذرندو تيئن تيئن ڊاڪٽر پناڻ جي قائم ڪيل هن گروپ جي اهميت وڃي ٿي اجاگر ٿيندي. پھريون اسان گروپ کي هڪ گھر چوندا رهيا آهيون ۽ ن

بلاشڪ آهي به عزت-وند فضليتمند انسان-دوستن جو گھر، جنهن ۾ اسان رنگ نسل، جينڊر عمر ۽ ذات پات جي متڀيد کان سواءِ گڏ رهون ٿا، علم ۽ تجربا ونڊيون ٿا. پر هاڻي مون کي هي گروپ هڪ يونيورسٽيءَ جي ڏڪ ڏئي رهيو آهي. مان هن کي يونيورسٽي ڇو نه چوان؟ ڀلا جتي پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف جهڙا ناميارا محقق ۽ پرو وائيس چانسلر هجن. جتي ڊاڪٽر شهنيلا زرداري، ڊاڪٽر جتوئي. ڊاڪٽر ساند. پروفيسر بهڻ هجي، اهو ماڳ مڪان ۽ گروپ هڪ يونيورسٽيءَ جي ڏڪ ته ڏيندو نه. انهيءَ يونيورسٽيءَ ۾ ممتاز پناڻ ۽ سندس پٽ محسن گل حيات جي سڄي لائبرري گولي ڄاڻ جي انهيءَ کاڻ مان علم ووَرهائن ٿا. سائين منان صاحب جهڙوڪ رجسٽرار جو ڪم پيو ڪري. مجال جو اسان ٻار لکڻ پڙهڻ ۾ فلچسپي نه وٺون ڪن مهٽ به ڪندو ۽ قرب سان سمجهائيندو به.ايئن ساڳيءَ ريٽ سائين اسلم صاحب اسان جي علم حلم ۽ لکڻ پڙهڻ جو امتحان وٺي اسان کي پاس به ڪندو ۽ شاباس نه ڪندو. پوءِ ڀلا انهيءَ چوڻ ۾ ڪهڙو وڏاءِ ته هي گروپ اسان لاءِ هڪ اوپن يونيورسٽي آهي. هي سڄو ڪريڊٽ ڊاڪٽر پناڻ ڏي وڃي ٿو جنهن هن گروپ کي چنڊ ستارن سان پري چڏيو آهي.

ڳاله يونيورسٽيءَ جي نڪتي ته سائين ڊاڪٽر پروفيسر محمد يوسف خشڪ جو ذڪر ته نڪرندو ئي نڪرندو. ڊاڪٽر صاحب اڄ ڪله شاه عبدالطيف يونيورسٽيءَ جو پرو وائيس چانسلر آهي. ايڏيءَ انتظامي ذميواريءَ باوجود هن گروپ لاءِ ٽائيم ڪيڊڻ ۽ اسا پارن نئين نسل تي ٻاجه جو هٿ رکي چيده چيده پوسٽنگس شيئر ڪرڻ سندن شاندار شخصيت ۽ ڪردار جو عڪس آهي.

ڊاڪٽر خشڪ صاحب به سيلف ميڊ ماڻهن مان هڪ آهي. هن سيوهڻ تعلقي جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ جنم ورتو. هن جي خاندان وٽ ڪي سونا آنا ڏيندڙ ڪڪڙيون ڪونه هيون. پر الله کين ڪڏهن محتاجي ڪانه ڏني . هن صاحب هتان ۽ ولايت مان ڊاڪٽوريٽ ۽ پوسٽ ڊاڪٽوريٽ ڪئي.

شاه لطيف يونيورسٽيءَ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪک مان جنم ورتو. پھريون ان جو ڪئمپس هئو ۽ پوءِ مڪمل يونيورسٽيءَ جو رتبو ماڻيائين. هن نئين يونيورسٽيءَ کي هڪ مثالي يونيورسٽي بنائڻ ۾ ڊاڪٽر پروفيسر محمد يوسف خشڪ جهڙن استادن جي ڏينهن رات محنت جو عمل دخل رهيو آهي،هن موجوده عهدي کان اڳ ڊڪٽر خشڪ صاحب جن ڊين هئا ۽ ان کان اڳ اردو شعبي جا اڳواڻ هئا . پاڻ ملڪ جي ناميارن محقق پروفيسرن ۽ اردودانن مان آهن . کين اردو. سنڌي، انگريزي، سرائڪي ۽ پنجابي ٻولين تي هڪ جيترو عبور حاصل آهي. اردو ڊپارمينٽ طرفان جيڪو تحقيقي جرنل ڪيڊڻ شروع ڪيائون اهو ڪيترين يونيورسٽن کان جي اردو شعبن جي مجلن کان معيار ۽ ضخامت ۾ گهٽو مٽي آهي. ڊاڪٽر خشڪ صاحب ڊين هئڻ واري زماني ۾ سوشل سائنسز ۾ تحقيقي عمل کي پروان چاڙهيو، انهيءَ رڪارڊ کي ٽوڙڻ ۾ وقت لڳندو. منهنجي دعا آهي ته ڊاڪٽر خشڪ صاحب جڳ جڳ جيئي ۽ تحقيق خواه تدريس جي سندس نگرانيءَ ۾ وڌيڪ ترقي ۽ بهتري ٿيندي رهي

# “پروفيسر جسٽس شيخ شهزادو- جيترو وڏو ماڻهو اوترو سادو “

مون ڪله محسن واري تعارف ۾ لکيو هيو ته “آئيڊيلس آف ڊاڪٽر پناڻ” مقامي ۽ ملڪي نه پر هڪ انٽرنئشنل گروپ آهي. اهڙو اظهار سائين ممنان صاحب به ڪري چڪو آهي. هئ نه فقط انٽرنئشنل گرروپ آهي. پر هن ۾ انٽرنئشنل نيم ۽ فيم وارا ميمبر نه آهن. جن ۾ گروپ جو باني ته اهڙي حيثيت وارو ته آهي ئي آهي پر انهن جو تعداد چڱو خاصو آهي، جن مان هڪ پروفيسر جسٽس شهزادو شيخ پڻ هڪ آهي. هن جو جنم 22 نومبر 1948 تي باقرائڻ ۾ ٿيو. سندس والد شفيع محمد هڪ مشهور استاد هئو. پر هڪ غريب خاندان سان واسطو هئس.

عجيب ڳاله آهي ته شهزادو شيخ صاحب ۽ ڊاڪٽر پناڻ هڪ ئي تعلقي جا آهن. ٻنهي جو واسطو غريب خاندان سان آهي. ٻئي سيلف ميڊ آهن ۽ ٻنهي محنت سان دنيا ۾ نالو ڪمايو. مهربان دوستن نوٽ ڪيو هوندو ته مون ڊاڪٽر پناڻ جي ولادت، تعليم، تربيت، ملازمت، ادبي ۽ تحقيقي ڪمن جا تفصيل ڪو نه ڏنا هئا ۽ اهڙئ طرح پروفيسر ڪسٽس شهزادي شيخ جا به وڌيڪ تفصيل ڪونه ڏيندس. ڇو ته اهڙن انگن اکرن ڏيڻ سان منهنجي هڪ پوسٽ ڪافي نه ٿيندي.

شهزادو شيخ صاحب اسان لاء هڪ اتساهي شخصيت آهي، جنهن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته غربت انسان جي ترقئ لاء ڪنهن به صورت ۾ رستي روڪ ڪانهي ۽ محنت ڪرڻ واري جي ترقئ جي رستي جي ڪو رستي روڪ ٿي نه سگهي.

پروفيسر جسٽس شهزادو شيخ صاحب انتهائي مصروف هئڻ ڪري هن گروپ تي پوسٽنگس ڪري نه سگهيو آهي. پر وقت ڪڍي هن گروپ جون پوسٽون پڙهي ٿو. سندن نظر ۾ هي “هڪ انٽرنئشنل گروپ آهي. جنهن ۾ نهايت اهم مواد ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿئي ۽ ان ۾ ماڻهپي، علم ۽ حلم جي معيار کي برقرار رکيو ويو آهي.”

پروفيسر جسٽس شهزادي شيخ صاحب جي زندگئ جو احوال تفصيل سان هت ڏيڻ ناممڪن آهي. سندس جامع سي.وي مون وٽ پي ڊي ايف فائيل ۾ موجود آهي، جيڪا ڪنهن ميمبر يا ميمبرياڻئ کي گهربي ته ان حوالي ڪري سگهندس. شيخ صاحب جو احوال ادي ڊاڪٽر شهنيلا زرداري ۽ ڊاڪٽر پناڻ وانگر گوگل سرچ ۾ ملي ٿو.

شيخ صاصب جيڪي ملازمتون ڪري چڪو آهي، اهي آهن ايڊيشنل آڊيٽر جنرل آف پاڪستان، سيڪريٽري گورنمينٽ آف پاڪستان، رجسٽرار فيڊرل ڪورٽ آف پاڪستان ۽ فيڊرل ڪورٽ آف پاڪستان جو جج. هن راولپنڊي لا ڪاليج ۾ ليڪچراري به ڪئي ۽ هوسٽن يونيورسٽئ جي پروفيسر ٿيڻ جو اعزاز به ماڻيو اٿس.ان کان سواءِڪيترين لرنيڊ باڊيز ۽ ادارن جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر پڻ رهيو آهي.

پروفيسر جسٽس شهزادي شيخ اسلامي ادب تي جيڪو انگريزئ ۾ ڪم ڪيو آهي، ان جهڙو سنڌ اجان عالم پيدا نه ڪريو آهي. ان سلسلي ۾ سندس ڪتاب “Know your God ” هڪ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. هن ڪوڙ سارا معياري ۽ ضخيم ڪتاب لکيا آهن ۽ اسلامي تعليم کي عام ڪرڻ ۾ پاڻ ملهايو آهي. منهنجي دعا آهي ته هي بي بدل عالم جگ جگ جيئي ۽ دين ۽دانش جي خدمت ڪندو رهي. (سيده فاطمه)

# شازيه خشڪ راڳ جي راڻي- پيار ۽ امن جو پرچار سندس ڪهاڻي

شازيه خشڪ 16 سيپٽيمبر 1970 تي پروفيسر فاروق احمد جي گهر ۾ رخسانه جي گود آباد جو گل ٻڄي دنيا ۾ قدم رکيو. راڳ جي هن بيبدل راڻيءَ ڄامشوري ۾ جنم ورتو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان اردو ادب ۾ ايم اي ڪيائين. هن جي مڌر ۽ سريلي آواز پروفيسر ابراهيم خشڪ کي مستان ڪري ڇڏيو. انهيءَ قدردانيءَ قرب جي جادوءَ ٻنهي تي اهڙو اثر ڪيو جو هو ازدواجي زندگيءَ جي مقدس رشتن ۾ ٻن وجودن مان بدلي هڪ ٿيا: هڪ جسم ته ٻيو روح.

ابراهيم خشڪ انهن ڏينهن ۾ سنڌ يونيگرسٽيءَ ۾ استاد هئو. هن جو شمار بهترين ڪهاڻيڪارن مان ٿيندو هو. پر ثقافت-دوستي ۽ راڳ رنگ سان چاه هن کي شازيه جي دل تي وٺي آيو ۽ هو اندر داخل ٿي ويو ته شازيه کي ئي پنهنجي دنيا ٺاهي ڇڏيائين. هو شازيه خشڪ خاندان جو مان آهي ۽ سنڌ جو شان آهي. فاطمه سندس سس ٿئي ۽ واحد بخش خشڪ سندس سهرو ٿئي. شاززيه خشڪ شاديءَ جي موقعي لاءِ هڪ گيت ڳاتو جيڪو ڏاڍو مشهور ٿيو. ان ۾ سندس سهري ۽ سس به ڪردار ادا ڪيو هو.

هن گروپ جي مانائتي ميمبرياڻيءَ تي اسان کي ناز آهي ۽ هميشه ناز رهندو. اها هن گروپ جوڙيندڙ ڊاڪٽر پناڻ جي شخصيت جو اثر آهي جو اسان جي گروپ ۾ هن دور جي هڪ وڏي ۽ مقبول ترين گائڪا به ميمبرياڻي آهي. شازيه خشڪ انتهائي مصروف ترين فنڪاره آهي. ان باوجود هن وقت به وقت گروپ ۾ پنهنجون پوسٽنگس شيئر ڪيون آهن جيڪي سندس گائڪيءَ تي مشتمل وڊيوز هوندا آهن. ادي شازيه خشڪ "هو جمالو " گيت ڳاتو جنهن ۾ هن گروپ جو باني ڊاڪٽر پناڻ به ساڻس ويڊو ۾ موجود آهي. شازيه خشڪ سنڌ جي دلين جو آواز آهي. سنڌ جي امن ۽ پيار جو پيغام آهي. سنڌ صوفين ۽ سنتن جي نگري آهي ۽ شازيه توڙي سندس ور محمد ابراهيم خشڪ تصوف ۽ ويدانيت جا عملي پرچارڪ آهن. شازيه لڳ ڀڳ چالهين ملڪن ۾ سچ، سونهن ۽ سنڌ جو آواز بلند ڪيو آهي ۽ انساني احترام جا گيت ڳاتا آهن. شازيه خشڪ جو وڏو ڪارنامو اهو به آهي ته هن سنڌ جي ڪيترن شاعرن کي ڳاتو آهي ۽ جهڙوڪ پنهنجي مڌر آواز سان انهن کي دائمي طور تي گائڪيءَ جي تاريخ جي سونهري ورقن ۾ محفوظ ڪيو آهي.

هن گروپ جي مانائتي ميمبرياڻي ادي شازيه خشڪ سنڌ جي عظيم عورتن مان هڪ آهي. هن ڪيترا دفعا سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ماڻهن کي آڇ ڏني آهي ته هوءَ پنهنجا پروگرام ڪري ان مان ميل ۽ حاصل ڪيل آمدني سماجي ڀلائيءَ وارن ڪمن لاءِ ڏيڻ لاءِ تيار آهي. گائڪيءَ جي دنيا ۾ ڀڳت ڪنورام ڪان پوءِ اها شازيه خشڪ ئي آهي جيڪا پنهنجيءَ ذات کي ڏيهين جي امانت سمجهي ٿي. ڀڳت ڪنورام به ايئن ڳائي ڀڳت وجهي ڪمايل رقم غريبن ۾ ورهائيندو هو. شازيه ۽ خشڪ (محمد ابراهيم) سنڌ ۾ ميڊم ڪيري ۽ سندس ور وارو مثال قائم ڪيو آهي. ڪيوريءَ جو ور نه فقط سندس ور مگر جهڙوڪ عاشق هئو. هن ڪيوريءَ جي لياقتن ۽ صلاحيتن کي اڀارڻ ۽ اجاگر ڪرڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو تان جو ڪيوريءَ کي ميڊل پرائيز مليو. ابراهيم خشڪ سنڌ وارن کي اهو درس ڏنو آهي ته وني ٿيندي ئي

محبت ۽ خدمت ڪرڻ لاءِ ۽ ونءَ جي لياقتن صلاحيتن جي خوشبوءِ سان دنيا ۾ امن سڪون پيار ۽ ماڻهپي جي خوشبوءِ پهچائڻي آهي نه ڪي ان ڪي گولي غلام بڻائي چادر ۽ چئوديوارئ ۾ قيد ڪري ڇڏڻو آهي. آئون ادي شازيه خشڪ کي دل سان دعا ڏيان ٿي ته جگ جگ جيئي. هوءِ اسان جو شان آهي. (سيده فاطمه)

## "علي سروهي- جنهن سرت سموهي "

اسان جو هيءُ گروپ اهڙي باغ برابر آهن جنهن ۾ ڀانت ڀانت قسم جا گل آهن. انهن مان هر ڪنهن جو رنگ نرالو آهي ۽ خوشبوءِ  نرالي آهي. هر ڪو پنهنجيءَ ذات ۽ ڏاهپ جي پونجي کولي ميمبرن اڳيان رکي ٿو. صبح جي نماز کان اڳ هر روز ڀاءِ علي سروهيءَ جو قربنامو پوسٽ ٿيندو. جنهن ۾ هو قرآن مجيد جي ترجمي سان ڪي آيتون ڏيندو آهي. پوسٽ ميمبرن جي ذهني فڪري ۽ نظرياتي بيهڪ جي جهلڪ ٿيندي آهي. سروهي صاحب جي ديني پوسٽس مان اندازو لڳائڻ آسان آهي ته هي صاحب ديندار انسان آهي.

علي سروهي پهرين مارچ 1971 تي تعلقي گمبٽ جي ڳوٺ امير بخش سروهيءَ ۾ ٿي. ڏک ڏاکڙا ڏسي پڙهيو. شاگرديءَ واري زماني ۾ ذولفقار علي ڀٽي جو شيدائي هئو. هن جي بي گناه ڦاهي چڙهڻ خلاف بک هڙتال ڪيائين. پوءِ ايم.آر.ڊي ۾ حصو ورتائين. پنهنجي اخبار به ڪيائين. 1998 ۾ جرنلزم ۾ ايم .اي ڪيائين. ان کان پوءِء 2002 ۾ انگريزيءَ ۾ ايم.اي ۽ 2006 ۾ ايل ايل بي ڪيائين. سي ايس ايس ۽ پي سي ايس ڪري جنوري 2001 کان فارين سروس ۾ ملازمت شروع ڪيائين. جده يمن ۽ نائجيريا ۾ ملازمت ڪرڻ کان پوءِ هاڻي برونائي ۾ پاڪستان هائي ڪميشن جو ائڪٽنگ هاءِ ڪمشنر آهي.اها منهنجي لاءِ خوشيءَ جي ڳاله آهي ته علي  سروهيءَ جي سوانح ۽ ملازمت جا سمورا تفصيل مون وٽ موجود آهن. پر هتي اهو سمورو احوال ان ڪري نه ٿي ڏيان ته جيئن آئون گروپ  ۽ سندس انهيءَ حوالي سان ڪيل ڪارڪردگيءَ تي روشني وجهي سگهان.

علي سروهي اسان جي هن گروپ جي لکيل پڙهيل مگر لکندڙ پڙهندڙ ميمبرن مان هڪ آهي. پاڻ صاحب ڪتاب پڻ آهي. مان صلاح ڏينديس ته اسان جا مانائتا ميمبر ۽ شانائتيون ميمبرائيون هن گروپ ۾ پوسٽس ڪندي پنهنجي ايميل ايڊريس به شيئر ڪن ته جيئن ڪتابن ۽  مقالن لکندڙ گروپ ميمبر هڪ ٻئي سان رابطو ڪرڻ به ممڪن ٿئي ۽ ڪنهن ڪتاب يا مقالي گهرائڻ ۾ آساني به پيدا ٿي پئي . هيءُ گروپ "لکيل پڙهيل روحن جو خاندان" آهي. ڀلي اسان روبرو پاڻ ۾ نه ملي سگهون پر روحن جي رشتن کي قائم رکڻو آهي.

علي سروهي ۽ هن وانگر ڪوڙ سنڌي سڄاڻا ٻاهرين ملڪن ۾ ملزمت يا واپار ڪن ٿا . اهي هر روپ ۾ سنڌ ماتا جا سفير آهن. انهن کي اتي رهي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهوءَ لاءِ ڪجه نه ڪجه ڪرڻ جي ضرورت آهي.چو ته سنڌي ماڻ کي هنن جي لياقتن ۽ صلاحيتن تي فخر آهي جو انهن ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي سنڌ جو نالو روشن ڪيو آهي.

علي سروهي روزانو قرآن شريف جو درس ڏئي اسان جو ايمان تازو ڪندو رهي ٿو. منهنجي ڪيس گذارش آهي ته پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي واري خزاني کي اسان گروپ ميمبرن کي به مستفيد ڪري. هو اتان

جا اهي مشاهدا  ۽ تجربا به شيئر ڪري جن مان لاڀ پرائي سگهجي. ڇو ته سنڌين کي گهر ويٺي ڄاڻ ملندي ته سوچن ۽ لوچن ۾ ڦيرو ضرور ايندو. منهنجي دعا آهي ته علي سروهي جڳ جڳ جيئي وڏي ڄمار ماڻي. پنهنجو پنهنجي خاندان  ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪندو رهي (سيده فاطمه)

# "شالني ساگر-علم ادب ۽ ماڻهپي جو گهر"

ادي  شاني ساگر هن گروپ جي ماناڻتي ميمبرياڻيءَ ادي وينا شرنگيءَ جي ڀيڻ ٿئي. مزي جي ڳالهہ هيءَ آهي ته هي ٻئي ڀينرون ۽ محترم محمد اسلم شيخ ٽئي بلڪ اسان جي گروپ جي هيءَ ٽمورتي شهدادڪوٽ جي آهي. محمد اسلم شيخ صاحب ۽ ادي شالني ٻئي گڏ پڙهيا. شاني ساگر جي ولادت

ممبئ ۾ ٿي ڇو ته ان وقت سندس خاندان انڊيا وڃي ڇڪو هئو پر سندن شهدادڪوٽ سان ساڳو ئي ناتو رشتو قائم رهيو. ان ڪري شالني ساگر ابتدائي تعليم شهدادڪوٽ ۾ ورتي.

شالني ساگر دهلي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ آل انڊيا ريڊيو جي بيروني سروسز جي سنڌي يونٽ ۾ ملازمت شروع ڪئي. ويهن سالن کان اتي سنڌي ٻوليءَ جي جهولي ڀريندي رهي آهي. هن پنهنجيءَ ڀيڻ وينا شرنگيءَ وانگر انهيءَ ملازمت ۾ ڏاڪو ڄمايو ۽ نالو ڪمايو آهي. ادي شاني پنهنجي ور ڪري شالني ساگر جي نالي سان ڄاتي وڃي ٿي. پاڻ ۽ سندس ور ٻئي قلم-قبيلي سان تعلق رکن ٿا. شالني ساگر نامياري شاعره ۽ افسانه نگار آهي. هن جا ڪيترا ڪتاب به لکجي ڇپجي چڪا آهن. جهڙوڪ " تنهائي" (افسانا)  " حوصلو"  (شاعري) . سندس هڪ نظم درسي ڪتابن ۾ شامل آهي. " ڪيئن وساريان ويڙرڇن"  ۽ "گنگا لهري" (ترجمو) وغيره. سندس افسانا مضمون ۽ شاعري اتان جي مشهور رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپبا رهن ٿا جن مان "سپون" " هندواسي" "سنڌو جوت"  " رهاڻ" "ادبي چمن" "سنڌي گلشن" "ڪونج" وغيره ڪي خاص آهن.

ڀيڻ شالني ساگر هن گروپ ۾ پنهنجي شاعري شيئر ڪندي رهي آهي پر هاڻي ڪي مجبوريون يا مصرپفيتون اٿس جنهن ڪري اسان کي پنهنجي شاعريءَ مان وندر نه ڪرائي. پر ڪيس اهو ويساه ضرور هوندو ته هيءَ گروپ واقعي ڊاڪٽر پناڻ جي آدرشن تي مشتمل آهي ئي آهي پر سمورن ميمبرن ميمبراڻين جو "فاصلاتي خاندان" آهي.  هن گروپ ۾ خاندان به شامل آهن. ڊاڪٽر پناڻ پٽ پوٽي سان هت موجود آهي ۽ ادي شالني پنهنجيءَ ڀيڻ سميت هن گروپ ۾ آهي.

شالني ساگر ۽ وينا شرنگي سنڌي عوررت جي عظمت جي عملي گواهي آهن. هيءَ سنڌي نياڻيون هتي سنڌ ۾ ناهن پر انڊيا ۾ به ته پنهنجي لياقتن ۽ صلاحيتن جي هاڪ ويهاري ڇڪيون آهن. هنن ڀيرن جي شخصيت ۽ ڪارڪردي سنڌي معاشري لاءِ پيغام آهي ته سنڌي عورت تي اعتماد ڪريو هن کي آزادانه ماحول ڏيو هوءِ پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهي ٿي.

ادي شاني ساگر لاء منهنجي دعا آهي ته سدا سکي رهي جگ جگ جيئي ۽ هن گروپ جي خاندان کي به نه وساري.

(سيده فاطمه)

# "ونيش خوبچند ديوجاڻي- وڏڙن جي وطن جي جنهن جي واٽي"

# Vinesh Khubchand Devjani

ونيش ديوجاڻي هن گروپ جي فعال ميمبرن مان هڪ آهي. هي صاحب چوٿين آڪٽوبر 1966 تي

انڊيا ۾ ڄائو. سندس وڏا 1920 ڌاري واپار سانگي سنڌ مان لڏي ويا. اسان کي خبر آهي ته انگريزن جي زماني ۾ سنڌ جا ڪيترا هندو واپار روزگار سانگي ٻين ملڪن ۾ ويا جن کي " سنڌ ورڪي " چيو ويندو. اهي سنڌ ورڪي سڄيءَ دنيا ۾ پکڙجي ويا. وڏو نالو ڪمايائون ۽ ناڻو ڪمايائون. ڪي اڪيلا ويا ۽ وري موٽي ايندا رهيا. جيڪي ٻارن ٻچن سميت ويا تن مان ڪيترن انهن ملڪن ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي. ونيش جا وڏڙا ويا ته اتي ئي رهيا. اها هن گروپ جوڙيندڙ ڊاڪٽر پناڻ جي ڏيه پرڏيه ۾ ناماچاري آهي جو هن گروپ ۾ ٻين ملڪن جا ماڻهون به ميمبر ٿيا آهن. ونيش ديوجاڻي به هن گروپ جو ايئن ميمبر ٿيو.

ونيش ديوجاڻي گروپ ميمبر ٿيڻ کان وٺي صبح سويرو صبح بخير چوندو اچي ٿو. هن جو هر هڪ پيغام تصوف ويدانيت ۽ ماڻهپي واري درس سان سينگاريل هوندو آهي.

ونيش ديوجاڻي گروپ ميمبر ٿيڻ کان وٺي صبح سويرو صبح بخير چوندو اچي ٿو. هن جو هر هڪ پيغام تصوف ويدانيت ۽ ماڻهپي واري درس سان سينگاريل هوندو آهي،

پاء ونيش جو پيءُ حيدرآباد جو هيو ماء ڪراچيءَ جي هئس ۽ پاڻ انڊا ۾ ڄائو. پر سنڌ جي اڪير هن جي روح ۾ سمايل آهي.هن صاحب ۽ سائين منان صاحب جي ا هئ حوالي سان ڏاڍي دلچسپ چيٽ هلي جنهن ۾ ٿڌي متعلق سائين منان صاحب نئين دور جي نئين صورتحال ٻڌائيي ته ونيش پاء ان تي خوشئ وچان گل جيان ٻهڪندي محسوس ٿيو هو.

ونيش وينا شرنگي ۽ شالني ساگر آهن ته انڊين شهري. پر انهن ۽ اهڙن ٻين اهو ثابت ڪيو آهي ته جنهنجي خون ۾ سنڌ جي خوشبوء موجود آهي پوء چو نه گذريل نسلن ۾ هجي ته سنڌي ڪٿي به ڄائو نپنو هجي پر سنڌ سان محبت هن جي ايمان جو جز هوندو. ونيش پاء انڊيا ۾ ڄائو ۽ سندس وڏا سنڌ جا هئا. پر ونيش هر وجه کان سنڌ دوست آهي ۽ سنڌ سان پيار اٿس. اها آسيس ئي ڪيس هن گروپ ۾ وٺي آئي آهي. هن ڪا.مرس ۾ گريجوئيشن ڪئي آهي ۽ پنهنجو مالياتي ادرن جهڙو ڪم ڪري ٿو.هنن هندو پائرن ۽ سندن وڏن کي ڏسون ٿا ته اڄوڪي دور ۾ سنڌي مسلمان ۽ سنڌي هندو ۾ هڪ نمايان فرق نظر ايندو. هندو جتي به هجي اهو سرڪار نوڪريءَ جي پرواه يا ڳڻتي نه ڪندو. پر پنهنجي پيرن تي

بيهندو. ڪو واپار يا ڌنڌو ڪندو. ليڪن ان جي برعڪس سنڌي مسلمان لاء سرڪاري نوڪري ئي وڻڻ زندگيءَ جو واحد وڏو مقصد بڻجي چڪو آهي.

مان ڀاء ونيش لاء دعاگو آهيان ته جڳ جڳ جيئي. خوشيون ماڻي ۽ هن گروپ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ۽ علم حلم عقل ۽ دانش واري شيئرنگ ڪندو رهي. (سيده فاطمه)

## "ممتاز پنهور - جيڪو ملهائي ٿو پاڻ "

هن وقت تائين پاڻ کان وڏيءَ ڄمار وارن تي لکيو آهي. اڄ پنهنجيءَ عمر وارن مان مون ممتاز پنهور جي شخصيت کي چونڊيو آهي. ان جا بنيادي ٻي ڪارڻ آهن: هڪ ته هو نئين نسل جي نمائندگي ڪري ٿو. ٻيو ته سندس پوسٽون "سنڌ-شناسي" جو ذريعو آهن. ٽيون ته هي انهيءَ شخص جو پٽ آهي جنهن هي گروپ ٺاهي ناميارين علمي ادبي حيثيت وارين شخصين جي چانو اسان پارن کي مهيا ڪئي آهي.

ممتاز ڊاڪٽر درمحمد پنهور جو وڏو فرزند آهي. هو فقط هن گروپ ۾ اسان سان گڏ ناهي پر اسان فيس بوڪ تي به هڪ ٻئي سان گڏ آهيون.

چوندا آهن ته " ماء جهڙي پيڙا ونڊي نه ڏئي ڀاڳ". اهو ڀاڳ انسان کي والدين جي تربيت ۽ دعائن سان ملندو آهي. جيڪو جيترو والدين جي ويجهو هوندو اهو اوترو ئي ڀاڳ پرائيندو. ماء جي جهوليءَ مان ٻار کي ٻولي ملي ٿي ۽ پيءُ جي جهوليءَ مان زندگي گذارڻ جو ڍنگ ملي ٿو. ڊاڪٽر پاڻ صاحب جا "پره-ڦٽيءَ وارا پيغام" روزانو هت شيئر ٿين ٿا. اهو شخص جيڪو اڌ رات جو اٿي پنهنجي والدين جي ٻنهي تي دعا گهرڻ ۽ سلام ڪرڻ وڃي ٿو اهو والدين سان محبت جو هڪ مثال آهي. ڊاڪٽر پنهور جي اها والدين سان عقيدت ۽ محبت ممتاز ڏانهن منتقل ٿيل نظر اچي ٿي. اها جهلڪ اسان کي متاز پنهور جي لکڻين مان ملي ٿي. هو شاعري ڪو نه ٿو ڪري. هو افسانا لکي پاڻ کي ڪهاڻيڪار نه ٿو بڻائي. پر پنهنجي پيءُ جي محنت کي سموهي سينگاري دنيا آڏو آڻي ٿو. ممتاز پنهور "سنڌ جي واقعاتي تاريخ" بلاناغي روز شيئر ڪري ٿو. سندس ٻيو قلمي پورهيو "ڪتابن تي تبصرن" وارو آهي. هن مان سندس ناقدانه صلاحيتن ۽ سندس مطلعي جي شوق جي ته خبر پئي ئي پئي ٿي پر اهو به پتو پئي ٿو ته هنن جي گل حيات لائبرريءَ ۾ ڪهڙو مواد موجود آهي. سندس والد سنڌ کي مانوس ڪرائي ٿو ۽ هي وري گل حيات کي مانوس ڪرائي ٿو.

ممتاز پنهور گروپ ۾ اهم معلومات فراهم ڪئي آهي جنهن مان اسان کي پنهنجي ماضيءَ سان دوستي جڙي ٿي. سندس ڪم تي مون پارن کان داد گهٽ ئي مليو آهي. پر ممتاز پنهنجي علمي ۽ قلمي عشق ۾ مگهن رهندو آهي. جيئن ممتاز کي پنهنجي پيءُ تي فخر آهي تيئن اسان کي ممتاز جي ڪم تي فخر آهي.

ممتاز پنهور روين ۽ رشتن ۾ پنهنجي پيءُ جي ڊپليڪشن آهي. چيٽ گهٽ ڪندو آهي. پر جڏهن ٿوري گهٽي ڪندو آهي ته ادب احترام سادگي نمرتا ۽ خلوص هن جي لفظ لفظ مان محسوس ٿيندو آهي.

سيائڻ سچ چيو آهي ته” اولاد والدين ۽ خاندان جا آئينا ۽ سفير ٿيندا آهن“. ممتاز پناڻ اسان کي پنهنجي والد ۽ خاندان جي تصوير بڻجي اسان اڳيان آيو آهي. هڪ لائق پٽ ايئن ئي ڪندو آهي. منهجي دل جي دعا اٿس ته جگ جگ جيئي ۽ پنهجي والدين خاندان ۽ گل حيات جو نالو روشن ڪري. اسان سندس ڪم کي قدر جي نگاه سان ڏسون ٿا

## “زوار زاهد علي پناڻ- جو پنج تن کي مڃي سرواڻ“

هي گروپ ڊاڪٽر پناڻ صاحب جوڙرو آهي جنهن ۾ پاڻ پنهنجي ٻن پٽن: ممتاز، زاهد ۽ پوٽي محسن سميت موجود آهي. وڏي ڪمال جي ڳاله اها آهي ته انهن هن گروپ کي ڪڏهن ” خانداني گروپ“ طور ڪتب نه آندو آهي ۽ نه پوسٽنگس جي اجائي پرمار پئي ڪئي آهي، ممتاز جي مهرباني جيڪو اسان کي سنڌ جي تاريخ ۽ گل حياڻ جي ميڙئ چونڊئ بابت اهم معلومات ڏيندو رهي ٿو. سندس پٽ محسن علي اڪثر ڪري ولادتن ۽ وفاتن جا ڪارڊ ڏاهي شيئر ڪندو رهيو آهي، پر هاڻي ڪجه سست ٿي رهيو آهي. مان انهئ ساڳي ڪم کي ٻئي طريقي سان لکي هن گروپ تي شيئر ڪريان ٿي ۽ اهم شخصيتن تي مختصر مگر جامع طور تي لکندي رهان ٿي.

زاهد علي ڊاڪٽر پناڻ جو ٻيو نمبر پٽ آهي ۽ ممتاز علئ کان ننڍو آهي. ڊاڪٽر صاحب کي اهي ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي مارئي آهي. زاهد علي هن گروپ تي ڪڏهن ڪڏهن پوسٽنگس ڪندو رهي ٿو. گهڻ پوسٽنگس ڪرڻ جو ڪارڻ اهو ئي اٿس ته هو هن گروپ کي “خانداني ملڪيت” جي ڏک ڏيڻ نه ٿو چاهي. سندس چوڻ آهي ته هن گروپ ۾ وڏا وڏا مجيل عالم آهن. جن جي پوسٽنگس مان سکڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ اهو ئي اسان لاء ڪافي آهي.

زاهد علي هن گروپ ۾ ان ڪري گهڻ لکڻ ۽ ٻڌائڻ جي پاليسي رکي آهي. انهئ مان سدس حلم، وڏڙن جي ادب ۽ سکڻ جي جذبي جي عڪاسي ٿئي ٿي. مون لاء اها خوشئ جي ڳاله آهي ٻين ڪانٽيڪٽس وانگر ڊاڪٽر پناڻ صاحب جي اولاد سان به ڳالهائيندي ۽ چيٽ ڪندي آهيان ته جيئن هن خاندان ۽ سندن بي لوث خدمتن بابت اتساه ڏيڻ واري معلومات حاصل ڪريان. چو ته ڊاڪٽر پناڻ ۽ سندس خاندان سنڌ جي تاريخ تي جيڪو ڪم ڪري رهيو آهي اهو اهم به آهي ته مثالي به آهي.

زاهد علي پهرين اپريل 1974 تي ڄائو. 1989 ۾ ميٽرڪ، 1995 ۾ بي اي ۽ 2001 ۾ ايم اي ڪئي اٿس. 1993 ۾ فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلارڪ ٿيو ۽ پوء 2001 کان تعليم کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو جتي هن وقت سينئر ڪلارڪ آهي. سندس ٻه پٽ هن وقت ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پڙهي رهيا آهن.

اولاد جي ڪهاڻي در اصل والدين ۽ خاندان جي ڪهاڻي هوندي آهي. اولاد جهڙوڪ قول ۽ فعل ۾ خاندان جي تصوير هوندو آهي. ان ڪري زاهد علي پناڻ جي زندگي سندس والد ۽ گل حيات جي ڪنهن لڪل گوشي جي اٿ-ڏئي ۽ اٿ-ٻڌل ڪهاڻي آهي. زاهد علي جو والد سنڌالاجئ ۾ ملزمت جو مدو پورو ڪري ڏوڪري ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. هن جي خاندان کي ڳوٺ شفٽ ٿئي ٻه ئي ڏينهن مس گذريا جو زاهد اغوا ٿي ويو. ڪل 13 ماڻهون اغوا ٿيا. زاهد جي ٽارگيٽ ڪڊنيپنگ ڪانه هئي. مٿان محرم مهينو آيو. ڊاڪٽر پناڻ سان ماڻهون همدردي ڪرڻ ۽ ڏک ۾ شريڪ ٿيڻ ايندا هئا ۽ ڪي ته روئي ٻه پوندا هئا. چو ته اغوا ٿيلن ڏي پنگ جون چٺيون ۽ نياپا به پهتا ۽ ڌاڙيلن دهشت ڏيکارڻ لاء هڪ اغوا ٿيل کي بيدردئ سان قتل ڪري لاش ڳوٺ پرسان ڦٽو ڪيو

ته جيئن خوف کان باقي اغوا ٿيلن جا وارث کين وڏو پنگ ڏين. زاهد جي والد تي ڪو خوف طاري نه ٿيو. پر هو مطمعن نظر آيو. ان صورتحال کي ڏسي هڪ سيد هن کان ماجرا پڇي.جنهن تي ڊاڪٽر پٺاڻ چيس ته "تاريخ پاڻ دهرائي رهي آهي. ننديڙائپ ۾ بابي مون کي مولا عليءَ جي نذر ڪيو هو ۽ مان اج وري زاهد کي سندن حوالي ڪريان ٿو" اها ڳاله مون کي زاهد پاڻ ٻڌائي. ٿيو ايئن ته ڌاڙيل ٽورن ڏينهن ۾ هڪ رات جو زاهد کي پاڻ گهر جي در تي ڇڏي ويا. هن جي پيءُ ڪيس آزاد ڪرائڻ لاءِ ٽڪو به ڪونه ڀريو. زاهد جڏهن ڌاڙيلن وٽ جهنگ ۾ قيد هئو ته اتي هڪ رات خواب ۾ ڏٺائين ۽ ٻڌائين ته " تنهنجي پيءُ جو نظرانو قبول ڪيوسين. تون آزاد ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪليو ڪلايو اسان جو سڏائجان". زاهد علي ٻارنهن دفعا زواري ڪري آيو آهي ۽ حج به ڪيو اٿس. اهلبيت جي حب ۽ عقيدت ڪيس شام ايران عراق ۽ مڪي ميديني جون زيارتون ڪرايون آهن. (سيده فاطمه)

# "ڪرم الله ڪوهارو- ڊاڪٽر پٺاڻ جو پيارو"

هن گروپ جو باني ڊاڪٽر پٺاڻ جي شخصيت لاءِ مون ڏاڍو ڇرڪائيندڙ ۽ چيڙائيندڙ ريمارڪس ڏنو هئو ته هو " انسان ضرور آهي، پر ماڻهو ناهي". ان جو ڪارڻ اهو هئو ته هن جي محنت عام ماڻهن کان مٿي ۽ وڌيڪ آهي. اونهارو هجي يا سيارو رات جو 11 ڪان پوءِ سمهڻ ۽ رات جو سادي ٽين وڳي اٿڻ ۽ باقي وقت نه سمهڻ ۽ ويهي ڪم ڪرڻ عام ماڻهوءَ جي وس جي ڳاله ناهي. ڊاڪٽر پٺاڻ ملان ته ڪونهي ۽ لبرل خيال جو ماڻهو آهي. پر رات جو ڇئي وڳي قبرستان وڃي والدين جي مزارن تي قل پڙهڻ ۽ دوستن کي تهجد وقت دعائن جا پيغام موڪلڻ سندس شخصيت جو عجيب روپ آهي. پر ان کان وڌيڪ سندس روپ مان هن تعارفي خاڪي ۾ ٻڌائي رهي آهيان، ۽ ان لاءِ ڪرم الله ڪوهاري جو اج انتخاب ڪيو اٿم.

اها عجيب ڳاله سندس عورت-ذات بابت سندس روين سان واسطو رکي ٿي. خبر ناهي ته عورت-ذات ڊاڪٽر پٺاڻ کي سک ڏنا يا ڏک ڏنا، ڪنهن خيرخواهي ڪيس يا دوکو ڏنس. پر ڊاڪٽر پٺاڻ جون عورت -ذات جي پر وٺڻ جون کي ڳالهيون ۽ کي عمل نهايت تعريف لائق آهن. اها ڳاله سندس ڳوٺ ۾ مشهور آهي. سندس نندي ڀاءَ جو نينهن لڳو ۽ ضد ڪيائين ته مان شادي ڪندس ته انهيءَ سان ۽ انهن ڌاري مان ڪندس. ڳاه ڳاڏيءَ کان گهٽو ٿي ويو. ڌاريا به باخبر ٿيڻ کان پوءِ تپي لال ٿي ويا. ڊاڪٽر پٺاڻ وڃي ڇوڪريءَ کان پڪ ورتي ته اها شادي ڪندي ؟ جڏهن پڪ مليس ته ملان. بندق ۽ ڀاءَ وٺي مالڪن کي ڪوٺيءَ ۾ واڙي نڪاح پڙهائي پنهنجي ڀاڄائي گهر وٺي آيو. سالن جا سال گذريا سندس پنهنجي اڪيلي نياڻي مارئي جوان ٿي ۽ هن پنهنجيءَ مرضيءَ سان گهر ۽ ور چونڊڻ جي ڳاله ڪئي ۽ ڪنهن به مٽ مائٽ کي رستي روڪ جي نه اجازت ملي ۽ نه همت ٿي. ڊاڪٽر پٺاڻ جي اڪيلي نياڻيءَ مارئيءَ جي مرضيءَ سان سندس شادي ڪرم الله ڪوهاري سان ٿي.

ڪرم الله ڪوهارو هن گروپ جو ميمبر آهي. هي 22 ڊسمبر تي ڳوٺ مولوي الله بخش ڪوهاري ۾ ڄائو. هن جو پيءُ به استاد آهي ته ماءُ به استاد هئي جيڪا 1998 ۾ وفات ڪري وئي. ڪرم الله ابتدئي تعليم ڳوٺ خير محمد آريجا ۾ ورتي.2002 ۾ مئٽرڪ ڪيائين ۽ 2007 ۾ ڪمپيٽر سائنس ۾ گريجوئيشن ڪيائين. هن وقت ڪمپيوٽر سائنس ۾ ايم.فل ڪري رهيو آهي.

ڪرم سافٽ ويئر ۽ ويب سائيٽ انجنيئر آهي ۽ اڄ ڪله گل حيات جي ويب سائيٽ سنڀالي رهيو آهي. موبائيل فونن جو ماهر آهي ۽ ان فيلڊ ۾ ڪيس وڏي فني مهارت حاصل آهي. ڪرم الله جڏهن کان هن گروپ جو ميمبر ٿيو آهي، هر پوسٽ دل سان پڙهي ٿو . منهنجي ڪيس دعا آهي ته جڳ جڳ جيئي ۽ ڪمپيوٽر خواه موبائيل ريسرچ ۾ پنهنجو نالو ڪمائي. (سيده فاطمه)

## "پناڻ محسن علي- رسدا رب ڪندس پلي"

ڪله گروپ جي باني ڊاڪٽر پناڻ تي لکيم. مناسب ڄاتم ته محسن تي لکي وٺان ته هڪ خاندان سان لاڳاپيل سمورن ميمبرن جو احوال مڪمل ٿي وڃي.

هن گروپ جي دلچسپ ڳاله اها آهي ته هن گروپ تي هڪ ئي خاندان جا ٻه ٽي پاڻي ميمبر آهن. اهي آهن ادي وينا شرنگي، سندس پيڻ ادي شالني ساگر ۽ سندن پاء مهراج . چئبو ته هن گروپ جي انفراديت هيءَ آهي ته ڊاڪٽر پناڻ جا هڪ ئي وقت تي ٽي نسل ( پاڻ.، سندس ٻه پٽ ۽ پوٽو) هن گروپ ۾ آهن ۽ ادي وينا جي گهر جا ٽي پاڻي هن گروپ ۾ آهن.

ڊاڪٽر پناڻ جي خاندان مان گهڻي کان گهٽيون پوسٽس ممتاز شيئر ڪندو آهي. هن کان پوءِ سندس پٽ محسن علي چڱيون خاصيون پوسوٽون رکندو ۽ زاهد علي وري ڪڏهن ڪڏهن پوسٽنگس ڪري ٿو. مون وٽ ڊاڪٽر پناڻ جي خاندان ۽ سمورن مانائتن ميمبرن ۽ ميمبراڻين جو ڪاتو ڪليو پيو آهي. جو ته مان سکڻ چاهيندي آهيان، ان ڪري نه فقط پڙهڻ چاهيندي آهيان پر ڪم جون ڳاهيون نوٽ به ڪندي ويندي آهيان. حقيقت ۾ هي گروپ ڪنهن درسگاه کان گهٽ ڪونهي. مون کي ته هن گروپ "انسان-فهميءَ" ۾ وڏي مدد ڪئي آهي. مون هتان انساني روين ۽ ردعملن جا ڪيترا رنگ ۽ روپ پڙهيا آهن. جنهن مان مون کي پاڻ سمجهڻ پاڻ سنوارڻ جي ستي ملي آهي. هڪ گهريلو ڇوڪري پري رهندي به سڀ جي ايترو ويجهو آهي جنهن جو اندازو هر ميمبر منهنجي پوسٽس مان لڳائيندو هو. مون کي هن گروپ مان بي حد ادب احترام عزت ۽ حيثت ملي آهي. مون لاء اها خوشيءَ جي ڳاله آهي جو مان هڪ "انٽرنئشنل" گروپ ۾ آهيان ۽ لکان ٿي. هن گروپ ۾ سنڌ ۽ هند جا ميمبر آهن ئي آهن پر ان کان سواء آمريڪا برطانيه برونائڪي ۽ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي ميمبر آهن.

هيءَ تفصيلي ڳالهيون مون ان ڪري ڪيم ته جيئن محسن علي پناڻ کي محسوس به ڪرايان ۽ مبارڪ به ڏيان ته هو اهڙي ماڻهوء جو پوٽو آهي جنهن محبت جو اهڙو مچ مچايو آهي جنهن تي ڏيه پرڏيه جا پتنگ اچن ٿا ۽ اسان پارن نئين نسل جي ميمبرن کي مروت ماڻهپي انسانيت ۽ عورت-ذات جي احترام جا درس ڏين ٿا. سچ تي هي گروپ اسان جو هڪ روحاني ۽ علمي خاندان آهي.

محسن علي پناڻ ممتاز جي پٽ ٿئي. هن 6 فيبروريءَ 1993 تي ڳوٺ خير محمد آريجا ۾ جنم ورتو. ڏاڏهنس ڪيس جوڳي سڏيندو آهي. ان جو ڪارڻ هيءَ آهي هڪ ڏينهن سنڌ جي مختلف ڳوٺن جا جوڳي گل حيات گهمڻ ۽ ڊاڪٽر پناڻ سان ملڻ آيا. هو پهتا ئي مس ته محسن علي ڄائو. ان تي ڊاڪٽر پناڻ چيو ته هڪ وڏيڪ جوڳي به پهچي ويو. محسن عليءَ ڳوٺ ۾ پڙهي 2008 ۾ مئٽرڪ ڪيائين. 2018 ۾ گريجوئيشن ڪئي ائس. هي جوڳي فيبروريءَ مهيني ۾ ڄائو ۽ فيبروري مهيني (2012) کان تعليم کاتي ۾ ڪمپيوٽر آپريٽر آهي. محسن علي پنهنجي ڏاڏي جي علمي ۽ تحقيقي تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. هو عالمن اديبن شاعرن ليکڪن صحافين ۽ سماجي ڪارڪنن جي ولادتن وارءِ تاڃ تي ۽ مرحومين جي وفات واري تاڃ تي خوبصورت ڪارڊ ٺاهي انٽرنيٽ

گروپن تي شيئر ڪندو آهي. ان ڪان سواءِ پنهنجي ڏاڏي جي شاعري به ڪڏهن ڪڏهن ڊزائن ڪندو آهي. سندس اهو سمورو ڪم گل حيات جي ويب سائيٽ تي رکيو ويو آهي. ڊاڪٽر ڀنڀرو جي خوشبختي آهي جو سندس اولاد هن سان ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪري ٿو. منهنجي دعا آهي ته محسن علي جڳ جڳ جيئي ۽ گل حيات تحريڪ جو سٺو ڪارڪن ٿي رهي. (سيده فاطمه)

## "مدثر زاهد -هن گروپ جو ننڍڙو ميمبر

اسان جي مشرقي ملڪن ۾ ٻار جي ڪا اهميت، حيثيت ۽ شخصيت ئي ڪانهي. چون ته "ٻار مڇ جو وار، جاڏي وڌي تاڏي وري" . مطلب ڪو ڄمندو ته اسان نظرين قدرن دين ڌرم جي رنگن جي ٻاتلي پري ٻيڻا هونداسين ۽ ٻيا هن کي ملي ڀاڻ جهڙو ڪنداسينس. پر مغربي معاشرن ۾ ايئن ڪونه آهي، اتي ٻار .هڪ مڪمل وجود ۽ مڪمل شخصيت طور قبوليو وڃي ٿو

اڄ مان هن گروپ جي هڪ ننڍڙي ميمبر مدثر زاهد تي ان ڪري لکي رهي آهيان ته "ٻار مڇ جي وار" .واري نظريئي جي عملي ۽ قلمي مخالفت ڪري سگهان

مدثر زاهد ڊاڪٽر ڀنڀرو جو پوٽو ۽ زاهد عليءَ جو پٽ آهي. هن پهرين جنوري 2005 تي ڳوٺ خير محمد آريجا ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم اتي ئي مخدوم شهاب الدين پبلڪ اسڪول مان ورتائين ۽ پوءِ 20016 ۾ ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ڇهين جماعت ۾ ميرٽ تي داخلا ورتائين، جتي پڙهي رهيو آهي. تازو .سندس ننڍي ڀاءَ کي به اتي ڪيڊٽ ڪاليج ۾ ميرٽ تي داخلا ملي آهي

مدثر ڊاڪٽر درمحمد جهڙي محنتي انسان جو پوٽو آهي. ان ڪري محنت سندس رت ۾ شامل آهي. هن هر هڪ ڪلاس جي امتحان ۾ پوزيشن پئي کنئي آهي. ٽرو آوٽ پوزيشن هولڊر رهيو آهي. .ڪيڊٽ ڪاليج ۾ به سندس تعليمي ڪارڪردگي سٺي رهي ٿي

مدثر زاهد جهڙي ٻار ميمبر جي شخصيت ۾ شخصيت پنيان سبب ۽ پسمنظر ۾ اسان ٻارن نئين نسل جي ميمبرن لاءِ ڪيترا درس موجود آهن، هن ٻار پنهنجي ڏاڏي جي شخصيت واري ڪتاب کي پليءَ پت پڙهيو.هن کي خبر آهي ته علم ئي انسان کي "وڏو ماڻهو" بڻائي ٿو. سندس ڏاڏو ڊاڪٽر ڀنڀرو هڪ غريب لوهر جو ٻار هئو. جيڪو مئٽرڪ کان پوءِ مٿي تعليم وٺڻ جي سگهه نه ساري سگهيو، پر غربت باوجود علم ۽ قلم کي پري نه رکيائين. گهر ويٺي پڙهيو، پوزيشنس کنيائين، پي ايڇ. ڊي ڪيائين ۽ يونيورسٽين جي پروفيسرن کي پي ايڇ. ڊيون ڪرايائين. ڳاله ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته علم ان سان نيائي ٿو جيڪو ان جي پچر نه ڇڏي ۽ پڪي ياري رکي. اهو سبق مدثر زاهد پنهنجي ڏاڏي کان سکيو. پر مدثر هڪ ڳاله ۾ ڀاڳوند آهي، جيڪا هيءَ آهي ته مدثر کي پڙهائيءَ ۾ جيڪو ساٿ والدين ڏنو آهي، ان ۾ باقي والدين لاءِ هڪ مثال ۽ هڪ سبق آهي. مدثر جو پيءُ ڪيڊٽ ڪاليج ويجهو ڏوڪري ڪاليج ۾ سينئر ڪلارڪ آهي. مدثر جي ماءُ ڪيڊٽ ڪاليج جي اسڪول ۾ استاديائي آهي. ان ڪري هي زال مڙس ڪيڊٽ ڪاليج جي هڪ ڪواٽر ۾ رهندا آهن ته جيئن به ڏوڪڙ ڪمائي گهر به هلائن ٻار به پڙهائن . اولاد کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪن. سندن هي هڪ مثالي ڪردار آهي جنهن مان

والدين کي سبق پرائڻ گهرجي. مدثر زاهد ڪيڊٽ ڪاليج جي ضابطن مطابق ڪاليج ۾ موبائيل جو ايترو استعمال ڪري نه ٿو سگهي، پر جڏهن گهر ايندو آهي ته وقت ڪڍي پوسٽنگس پڙهي وٺندو آهي. هئ انهئ ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پڙهي رهيو آهي جتي سندس ڏاڏو وائيس پرنسيپال ٿي رهيو. منهنجي دعا آهي ته مدثر زاهد پنهنجي ڏاڏي جيان نالو ڪمائي. جگ جگ جيئي سدا جيئي. (سيده فاطمه)

## "ڊاڪٽر واجد حسين عباسي-الله نه ڪندس اداسي "

انهن ۽ اوهان جي هن گروپ ۾ چاليهارو ڪن رنگ برنگي گل موجود آهن. مون ڪوشش ڪري منهنجي اٿم ته منهنجي لکٽين ۾ جي خوشبوء ۽ رنگت کي سمورن دوستن آڏو آندو آهي. خوشي انهئ ڳالھ جي پلا اهي نظر اچن به ڪيئن؟ جڏهن ته هر گل جي ورجاء ۽ وري وري ساڳيون ڳالهيون نظر نه اينديون ۽ مان خوشبخت آهيان جو هن هيڏن ساري باغ جي هر گل کي ڏٺو اٿم ۽ .رنگت ۽ خوشبوء ئي نرالي آهي رتبي ماٺيي خلوص ۽ انساني احترام جا درس پڙهيا اٿم. سمورن بزرگ ميمبرن نياڻئ جي هر ڪنهن وٽان محبتن جي مالها پاتي آهيان. سان نوازيو ۽ منهنجي نسل وارن پيڻ جو اعزاز عطا ڪيو ۽ ميمبرياڻين حوصلو مليو ته آئون انهن تي لکان، جن کي حياتئ ۾ انهئ ماحول منهنجي همت افزائي ڪئي ۽ مون کي گنجائش نڪري سگهي ٿي. منهنجي فرشتن کي به خبر نه هئي ته ڊاڪٽر پناڻ نه ڏنو نه ڏسڻ جي ڪا قيمت هن گروپ ۾ شامل ڪنددي سود سميت معاوضو وٺندو. خبر ناهي ته هن مون کان ڳري مون کي خلوص ۽ پنهنجائب سان ورتي آهي يا وڏو موقعو فراهم ڪيو آهي جو مون سمورن ميمبر ميمبراڻن تي هڪبئي لاء اڻ-ڏٺا هئاسين. مون انهن اڻ-ڏٺن لکيو آهي ۽ ساڻن عقيدتن جا رشتا جوڙيا اٿم. اسان سڀ .ڪي هڪ ٻئي سان ملايو آهي

هئ ميمبر ليڪڪ ۽ سو اچو ته اڄ وري ڊاڪٽر واجد حسين عباسئ سان اوهان کي ملايان. گروپ جو پڙهي ٿو ۽ ان مان مستفيد به ٿئي ٿو. شاعر ڪونهي. پر گروپ ۾ شيئر ٿيندڙ هر آئٽيم کي غور سان .اسان جي گروپ جو هڪ اڻوٽ حصو آهي ويڄن طبيبن جي قبيلي جو فرد آهي پر

اپريل 1987 تي لاڙڪاڻي جي رحمت پور محلي ۾ حاجي نياز حسين عباسئ ياء ڊاڪٽر واجد عباسي 13 ۾ 2002 جنم ورتو. پرائمري تعليم اتي ئي ورتائين ۽ پوء سينٽ جوزف هاء اسڪول مان جي گهر ۾ هئو جڏهن هن گروپ جو مئٽرڪ پاس ڪري لاڙڪاڻي جي ڊگري ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. هي اهو دور ميرٽ تي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا باني اتي ان ڪاليج جو پرنسپال هوندو هو. 2004 ۾ اوپن ڊاڪٽر عباسي پنهنجي پروفيشن ۾ نالو ڪمايو. ڪيس 25000 .ورتائين ۽ 2010 ۾ پڙهي ڊاڪٽر ٿيو رهڻ دبئي ۾ ملازمت جو موقعو مليو، پر هن ڏرتئ ۽ ڌرتئ وارن کان پري ٿيڻ ۽ پري ريال ماهوار پگهار تي ڪري چڪو آهي. پڻ IMM جي 5 ساله ٽرينگ ڪئي اٿس ۽ FCPS پسند نه ڪيو. پروفيشن دوران خفمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي ۾ ڪلينڪل فيلو جي حيثيت ۾ پنجنجون پيشورانه NICVD اڄ ڪلھ.

منهنجي دعا آهي ته ڀاء واجد حسين عباسي جڳ جڳ جيئي ۽ ماروئڙن جي طبي خدمت ڪندو رهي. ( غلام سيده فاطمه)

## " ذوالفقار ٻهڻ - علم ادب جو ٽڏو وڻ "

هن گروپ جي گلستان ۾ جيڪي گل پنهنجي ذات ۽ ڏاهپ جي خوشبوء پکيڙيندا رهن ٿا انهن مان ذوالفقار ٻهڻ به هڪ آهي. هئ گروپ جي انهن ميمبرن مان هڪ آهي جن شروعات ۾ ته پنهنجي دانش ۽ بصيرت جي ته بارش وسائي پر پوء مصروفيتن جي وڏي وچڻ ڪري پڙهندڙن جي صف ۾ ته موجود رهيا ليڪن گروپ ۾ لکڻ گهٽائي ڇڏيائون. مون اج ڀاء ذوالفقار ٻهڻ تي لکڻ جي چونڊ ان ڪري ڪئي آهي ته اڄوڪئ تحرير اهڙن سمورن معزز ميمبرن لاء هڪ صلاح هڪ گذاش ۽ هڪ تاڪيد جو ڪم به ڪري. مجبوريون ۽ مصصروفيتون اسان ۾ ايڏيون دوريون نه وجهن. هئ گروپ اسان جو علمي گهر ۽ قلمي قبيلو آهي. جس هجي ڊاڪٽر ڀٽاڻ ڪي جنهن معزز مانائتا ۽ محبتي روح هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيا آهن. جيڪي ڏور هوندي به هڪ ٻئي جي ايئن ويجها آهن جڻ صدين کان گڏ هجن. هر ڪنهن ميمبر جي پنهنجي پنهنجي لياقت صلاحيت آهي. هر ڪنهن ميمبر جي پنهنجي پنهنجي حيثيت آهي. اسان نئين نسل جا ماڻهون ۽ ميمبر انهن جي لياقتن صلاحيتن سوچن ۽ لوچن آتا هوندا آهيون. ان ڪري اهي ميمبر جيڪي گهٽ لکن ٿا کين لکڻ گهرجي. اسان کي سکڻ ۽ انساني نفسيات پڙهڻ جو موقعو ملڻ گهرجي.

ذوالفقار علي ٻهڻ  ذوالفقار ٻهڻ پهرين جون 1972 تي ڳوٺ دورو ٻهڻ تعلقو مورو ۾ ڄائو.ايم فل ڪئي اٿس ۽ پي ايڇ. ڊي ڪرڻ جو شوق اٿس. جن وقت ڊپٽي ڊائريڪٽر جي عهدي تي ايجوڪيشنل ٽريننگ سينٽر ڪراچي ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي. سندس شايع ٿيل ڪتابن مان"منهنجا خواب گلابن جهڙا "(شاعري) ۽"پير پير جو پنهنجو پند "  (گڏيل شاعري جو ڪتاب) ذڪر لائق آهن. پاڻ "صوبائي ڪريڪيولم ڪميٽي" جو ميمبر پڻ آهي. ذوالفقار ٻهڻ 2009 ۾" سنڌي ادبي ورلڊ ايسوسيشن" جو بنياد وڌو ۽ مرڪزس جنرل سيڪٽري طور ڪم ڪيو.

ذوالفقار شاعرئ ۾ سٺو نالو ڪمايو آهي. سندس شاعرئ شاعر ۽ دور جي عڪاسي ڪري ٿي. سندس هئ انداز ملاظه فرمايو:

اڪيلو اڪيلو مسافر ازل کان

نه منزل ملي، نه ئي آشنائي

سرابن پنيان، پير ڪڄندا رهيا،

سچاين آ، ڪيڏي قيمت چڪائي.

ذوالفقار بهڻ جوانئ ۾ ادبي خدمتن جو جوڀن ماٺيو آهي ۽ نالو ڪمايو آهي. منهنجي دعا آهي ته اڃان وڏيڪ ٻوڪئ جي جهولي ڀري ۽ شاعرئ جا گهڙا ڀري. رب ڪيس وڏي ڄمار ڏئيس. (سيده فاطمه)

## **ڊاڪٽر حفيظ قريشي**

ياء ڊاڪٽر حفيظ قريشئ تي لکڻ جو خيال ته هئو پر سندس احوال ۽ باقي تفصيل مون وٽ ڪونه هئا. چوندا آهن ته " نيت صاف ته مراد حاصل " . سو رب سائين جا احسان جو ڊاڪٽر حفيظ صاحب پاڻ هن گروپ تي ڪجه ڏينهن اڳ پنهنجي معلومات شيئر ڪئي. انهئ اتفاق منهنجي حوصلي کي وڌيڪ تقويت ڏني ته منهنجي جهڙوڪ ڪم ۾ غيبي مدد ٿئي تي چو ته ڪو چڱو ڪم ڪري رهي آهيان.

ڊاڪٽر حفيظ ۽ مان ٻئي حيدرآباد جا رهواسي آهيون. ان ڪري هن سان پرديدارئ ۽ خانداني روايتن ڪري جيڪڏهن ملاقات نه به ٿي آهي پر سندس ڪم ۽ ڪارڪرگئ بابت اخبارن ۾ پڙهندي رهي آهيان.

ڊاڪٽر حفيظ قريشي ۽ سندس ڀيڻ فهميده قريشئ جو نالو هن ڪري تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو جو هنن "ٽنڊو بهاول سانحي" تي سنڌي عوام جي جذبن کي منطقي انجام تائين پهچايو. سيني کي ياد آهي ته ٽنڊي بهاول جا هتين خالي بيگناه ماڻهون ماريا ويا هئا. مائي جندو جڏهن انهن ڪوتڙن جي ڪسڻ خلاف آواز اٿاريو ۽ ٻن مائين حاڪمزادي ۽ زيب النساء انصاف نه ملڻ تي پاڻ ساڙيو ته حفيظ قريشي ۽ سندس ڀيڻ فهميده قريشي هنن جا ساٿي بڻجي پيا تحريڪ هلايائون جيل ويا ليڪن من جون مرادون پوريون ڪيائون ۽ ڏوهن کي ٽنگرايائون.

ڊاڪٽر حفيظ جهڙوڪ هڪ مزاحمتي ۽ من ۾ ماروئڙن سان محبت رکندڙ روح آهي. ڏٽي چاٽي شايد سئن انسانن جو سنگ ساٿ مليس جتان اهڙا جوهر پرايا اٿس. هن ٽنڊي بهاول ڪان پوء ڏکڻ سنڌ ۾ انهن قيدي پورهيتن لاء به آواز اٿاريو جيڪي پنهنجي سنڌي سماج جي اپر ڪلاس سان واسطو رکن ٿا. جڏهن حيدرآباد ۾ لساني هنگامن سنڌي ماڻهن کي ڏتڙي تڙي بي گهر ڪيو ته ڊاڪٽر حفيظ ان وقت به سندن آبادڪارئ ۾ ڪردار ادا ڪيو هو.

ڊاڪٽر صاحب 18 جولاء 1969 تي ڄائو. ڊبل ايم اي به ڪئي اٿس. تازو شاه لطيف جي شاعرئ جي سماجي تحقيقي ايپاس تي پي ايچ. ڊي به ڪئي اٿس. اڄ ڪلهه سنڌ يونيورسٽئ ۾ سينئر آفيسر آهي.

ڊاڪٽر حفيظ قريشي سنڌي انسائڪلوپيڊيا جي تدين واري ڪم ۾ به سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ سان سهڪار ڪري ٿو. مون جو گروپ جي گلن ڦلن تي لکڻ شروع ڪيو آهي ان جو هڪ مقصد پڻ آهي ته گروپ جي باقي ساٿين جي منهن تي سمورن امله موتين ڪي احترام سان تاڪيد ڪريان ته گروپ ۾ غيرحاضريون گهٽجڻ گهرجن ڇو ته اسان هڪ ٻئي جي خيرخواهئ ذات ڏاهپ علم ۽ دانش مان سکڻ گهرون ٿا.

ان تي اميد ته ڊاڪٽر حفيظ صاحب به توجه ڪندو. منهنجي دعا آهي ته هي صاحب سدا سکو رهي. جگ جگ جيئي. سنڌ سان ايئن محبت ڪندو رهي. (سيده فاطمه)

# "ڊاڪٽر شهنيلا زرداري-منهنجي اڻ-ڏٺي ڀيڻ پياري"

هن گروپ سان پنهنجي محبتن ۽ نسبتن جي تعلق سان اڄ مون ڊاڪٽر پوروفيسر شهنيلا زرداريءَ جي چونڊ ڪئي آهي ته آئون سندس سماجهي شخصيت سان پنهنجي عقيدت ونديان ۽ سندن اهي ڳالهيون ڪريان جن کان مان متآثر ٿي آهيان.

سنڌي عورت جي تاريخ درد-ڪهاڻي ئي آهي. پر ان ۾ نه صرف سنڌي معاشري لاء پر سموري انسان ذات لاء وڏو درس موجود آهي. چون ٿا ته اڄ انسان چنڊ تي قدم رکي مريخ طرف روانو ٿي وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. بيشڪ اهو به ڪارنامو آهي. ليڪن ان کان وڏو ڪارنامو اهو آهي ته سنڌي عورت عذابن جهڙهين حالتن هوندي به زنده آهي. نه فقط زنده آهي ليڪن ڪر ڪٽي هر شعبي ۾ پاڻ ملهائي ۽ مڃائي رهي آهي . اها عورت جڏهن ڌئ آهي ته هن کي اڪين جو نور چيو وڃي ٿو پر ڪيس علم جي نور کان محروم ڪرڻ لاء متي پڙهڻ نه ٿو ڏنو وڃي. اها عورت جڏهن ڀيڻ آهي ته ان ڪي لڄ ۽ حياء جو مجسمو چيو وڃي ٿو. پر ان ڪي ور ۽ گهر ڪي پنهنجئ مرضئ سان چونڊ جي محظ سوچڻ تي ڳترا ڳترا ڪيو وڃي ٿو. اها عورت جڏهن وني آهي ته ان ڪي دک درد جو ساٿي چئي به ڪنهن مائٽن ته ڪڏهن دولت ۽ ڪوڙي انا خاطر ڏوڪو ڏنو وڃي ٿو . جي قرب ڪندس ته ذاتي ملڪيت ڪري رکندس. آزادي ۽ مرضي کان پوء به محروم رکندس. پاڻ ڪي اوجاڳا ڏئي ٻين ڪي آرام ڏيڻ واري عورت سنڌي معاشري ۾ صفا سورن ۾ آهي. هن جي پيرن ۾ بلاشڪ زنجير ناهن پر سوچن لوچن خوشين ۽ مرضين تي زنجير ضرور وڌا ويا آهن

اهڙي گهٽن پابندين مخافتن واري ماحول ۾ به سنڌي عورت پنهنجي لياقتن صلاحيتن جي هاڪ ويهاري آهي ۽ پاڻ مڃرارو آهي. ادي شهنيلا زرداريءَ جهڙيون شخصيتون سنڌي عورت جي عظمت جي ڪهاڻئ جي شاهدي آهن. ڊاڪٽر پروفيسر شهنيلا زرداري جڏهن کان هن گروپ ۾ آئي ۽ پنهنجيون پوسٽون شيئر ڪيائين ته انهن مون ڪي ڏاڍو متآثر ڪيو ۽ آئون ڪيس اڻ-ڏٺي دوست جي حيثيت ۾ قبول ڪري ورتو.

ڊاڪٽر شهنيلا مهراڻ يونيورسٽيءَ مان ڪمپيٽر سسٽم ۾ ايم اي ڪرڻ کان پوءِ برهمگم يورسٽيءَ مان 2009 ۾پي ايچ.ڊي ڪئي ۽ هن وقت ائسوسيئيٽ پروفيسر آهي. سلام آهي سندن والد مرحوم يعقوب علي زرداريءَ کي جنهن پنهنجي اولاد ۽ هن نياڻيءَ کي اعليٰ تعليم ڏياري. هو پاڻ ڏکن ڏاڪٽرن ۾ پڙهيو ۽ انجيئر ٿي ريلوي ۾ وڏو عهدو ماڻيائين. هرحوم پنهجي پٽن کي به انجنير بڻايو. مون کي خبر آهي ته سنڌ جي تاريخ جو عاشق هئو ۽ "ڪلهوڙا دور تي ڪانفرس" به وڏي پئماني تي ڪرائي هيس. ڊاڪٽر پروفيسر شهنيلا جو هن گروپ ۾ هجڻ اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳاله آهي ۽ عورت-ميمبرياڻين لاءِ اعزاز آهي. اميد ته سندس شرڪت ۽ پوسٽس اسان کي اتساه ڏيارينديون رهنديون. جڳ جڳ جيئي

## "نفيس فاطمه جعفري-علم ۽ حلم واري نيگري "

نفيس فاطمه هن گروپ جي عورت ميمبرياڻين منجهان ننڍي کان ننڍي ميمبرياڻي آهي. 19 ڊسمبر 1996 ۾ ڪراچيءَ جي پيري ڳوٺ ۾ ڄائي. شروع کان وٺي اسان جي گروپ جي فعال ۽ سرگرم ميمبرياڻيءَ طور پاڻ ملهايو اٿس. جيئن ننڍڙو ٻار گهر ۾ سڀني جو پيارو ۽ لاڏلو ٿيندو آهي تيئن نففيس جعفريءَ کي هن گروپ جي بزرگ ميمبرن کان پدرانه شفقت ۽ محبت ملندي رهي آهي. نفيس فقط ڪا پوسٽنگ ڪري ايئن نه سمجهندي آهي ته هن گروپ جو قرض لاٿو پر سينئر ميمبرن سان اپنائيت ۽ بردباريءَ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندي آهي. پوسٽس تي بي لاگ تبصرو ڪندي آهي جيڪو مختصر هئڻ باوجود جامع هوندو آهي.

سنڌي ادب ۽ صحافت جي دنيا ۾ بيدار جعفري هڪ وڏو نالو آهي. اسان جي هڪ پياري دوست انهيءَ وڏي قلم-ڌڻيءَ جي نياڻي ٿئي. پيريءَ ۾ جنهن گهر ۾ ڄائي هئي اتي ان هنڌ تي سبدس والد امام بارگاه ٺاهي ۽ پنهنجي انهيءَ عمل سان نفيس فاطمه جي ديني ۽ روحاني عزت افزاي به ڪئي ۽ مٿس بار به رکو ته جتي ڄائي اتي هن جي والد امام بارگاه ٺاهي ۽ هاڻي امام بارگاه کي پنهنجي قول ۽ فعل سان علم ۽ قلم سان هن نفيس فاطمه کي آباد ڪرڻو آهي. نفيس انهيءَ ئي انداز ۾ زندگي گذاري ٿي.

نفيس فاطمه ابتدائي تعليم ڀيءَ جي قائم ڪيل"مومنين پبلڪ اسڪول" ۾ ورتي ۽ پوءِ تعليم جا مرحلا طئي ڪندي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ سٺن نمبرن سان ايم اي ڪئي اٿس. ان ۾ هيءَ پوزيشن هولڊر آهي.

هن جو خاندان ڪراچيءَ لڏي اچڻ کان اڳ ٻاڊه جو ويٺل. ٻاڊه اهو شهر آهي جنهن شيرل ٻاڊاهيءَ جهڙا شاعر پيدا ڪيا. قومپرست سياستدان قمر ڀٽي به هن ئي شهر جو هو. نفيس فاطمه جي والد بيدار جعفري ٻاڊه واري دور ۾ صحافت ۾ نالو ڪمايو، ڪراچيءَ آيو ته تعليم کاتي ۾ ملازمت شروع ڪيائين. اڄ ڪله پروفيسر آهي. ڪيس اڙدو ۽ سنڌيءَ ۾ هڪ جيتري مهارت آهي. هن ڪراچيءَ ۾ خاص طور تي

پيرئ ۾ وڏا سماجي ۽ ديني ڪم ڪيا آهن..انهئ ماحول ۽ اثر هيٺ نفيس فاطمه جعفري جي شخصيت جي تعمير ۽ تڪميل ٿي آهي.

عورت هئڻ جي ناتي سان نفيس فاطمه عام سنڌي عورت جا سور دک ۽ درد پوڳيا آهن. هئ جڏهن يونيورسٽئ ۾ داخل ٿي ۽ پهريون سيمسٽر ڏئي رهي هئي ته هن تي ڏکن جا ڏونگر ڪريا ۽ سندس جيجل ماء گذاري وئي. پوء هن کي پاڻ سنڀالڻو پيو گهر سنڀالڻو پيو ۽ ان سان گڏ تعليم تي توجه ڏيڻو پيو. سنڌي شعبي طرفان جيڪي ادبي سرگرميون ٿينديون هيون انهن ۾ نفيس فاطمه ڀرپور حصو ورتو ۽ وڏو نالو ڪمايو. هئ اسان جي پيڙ بهترين ڪهاڻيڪاره ۽ مضمون نگاره آهي. پهريون مضمون پنهنجي پيئ تي لکيائين ۽ پهرين ڪهاڻي ماء تي لکيائين. اج ڪله مختلف اخبارن ۾ سندس لکڻيون ايندين رهن ٿيون. نفيس فاطمه گروپ ۾ ڀهڪوٽيشن ڪارڊ شيئر ڪندي رهندي آهي. پر هاڻي هن کان مطالبو ڪرڻ جائز ۽ وقتائتو آهي ته گروپ لاء به لکي. چو ته هن گروپ جي بانئ ڊاڪٽر پنّاڻ اسان تي اعتماد ڪري گروپ ۾ شامل ڪيو آهي ته اسان پنهنجي لياقتن ۽ صلاحيتن سان هن گروپ کي هڪ مثالي گروپ بڻائي ڏيکاريون. ادي نفيس فاطمه جعفرئ لاء دعا آهي ته جگ جگ جيئي. (سيده فاطمه)

## “حرا چنا - پڑهيائين دين ڌرم جا پنا“

اهو محسوس ٿيندو اٿم  عورت آهيان ۽ جڏهن به ڪنهن مس، محترمه، عورت يا نياڻئ تي لکندي آهيان ته مان ڪائنات“ آهي. پر اهو اڌ سچ آهي. سچو سچ  ته جهڙوڪ پاڻ تي لکي رهي آهيان. چوندا آهن ته “عورت-اڌ آهي“. بلاشڪ اسان کي هن گروپ ۾ عزتون ملن ٿيو، سرپرستي ۽  اهو آهي ته “ عورت درد جي ڪائنات ڊاڪٽر پنّاڻ  افزائي ٿئي ٿي. ڏيئرن ڀينرن وانگر پيار ملي ٿو. ليڪن باقي دنيا “آئيڊيلس آف شفقت ملي ٿي، همت تي ٿاڦيل عذاب جو اندازو ڪير لڳائي  وارو ڪارنر ڪونهي. ان ۾ ته مرد به مصيبت ۾ آهن. پوء اتي عورت هيئان جنت آهي. پر جيتري عورت جي سسي سهانگي آهي ان کان  سگهندو؟  عورت ماء آهي ۽ سندس پيرن جن معاشري ۾ عورت جي اکين ۾ دردن جبي دز وڌي وجي، جنهن عورت جي نيٽن ۾ .ڪير به مهانگو آهي معاشري جي ڪهڙي ڳاله،  ڪنهنجي دوکي فريب  بي وفائئ ڏاڍ ڏمر سبب ڳوڙهن جي بارش هجي. ان کي هن آئون ٻين تي دل سان لکندي آهيان، پر عورت تي  ڪهڙو ماٺهو ڪهڙو پاڻ صاف صاف ۽ چٽو نظر ايندو؟  سو آهيان. اج آئون حرا چنا تي لکي رهي آهيان. جيڪا هن گروپ جي شروعاتي پنهنجي اکين جي آب سان لکندي آئڪون پڪچر يا ٽائيٽل  ميمبرياڻين مان هڪ آهي. شايد اسان مان ڪن کي خبر نه هجي ته هن گروپ جي پنهنجاپ جي تصوير نظر اچي ٿي جي تصوير حرا جي ئي ٺاهيل آهي، جنهن مان سندس پيار ۽.

ڄائي. پر جيئن ته سندس والد اسلام آباد  ۾  ملازمت ڪندو آهي، ان  ادي حرا 51 جنوري 1992 تي سکر ۾ يونيورشٽئ مان  به سموري خاندان سان گڏ اسلام آباد شفٽ ٿيڻو پيو. حرا اتي ئي پڑهي. پنجاب ڪري هن کي اٿس. ان کان علاوه علامه اقبال يونيورسٽئ  گريجوئيشن ۽ قائد اعظم يونيورسٽئ مان ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي وئي اتي ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي.  اج ڪله انٽرنئشنل يونيورسٽي اسلام  مان بي. ايڊ به ڪئي اٿس، 2014 کان رهي آهي. انهئ  کان 1947 تائين سنڌ ۾ هندو-مسلم لاڳاپا“ جي موضوع تي ايم فل ڪري 1936 “ آباد مان پوء به وقت ڪڍي ڪجه نه ڪجه  مصروفيت ڪيس ذري گهٽ اسان کان ۽ گروپ کان ڪٽي رکيو آهي.  پر گروپ ۾ رکندي ۽. شيئر ڪندي رهي ٿي.

پل خطرن جي عورت جو تعليم ۽ ملازمت لاءِ گهر کان ٻاهر قدم رکڻ دل گرُدي جو ڪم آهي. هر سنڌڌي پئي ٿو. اها عورت منزل ڏانهن تڪڙا پلصراط تان گذرڻو پئي ان ڪري سنڌياڻيءَ کي احتياط جي ڍال کڻي هلڻو خاندان طرفان ڀرپور سرپرستي ۽ همت افزائي ملي ٿي. ظاهر آهي قدم کڻي ٿي جن کي پنهنجي گهران ۽ پنهنجي سان حرا خوش بخت آهي جو لوئر مڊل ڪلاس سان واسطو رکندي به هن کي قائد اعظم ته ان حوالي کان ڪا لينڪ نه پئي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ والدين پڙهڻ وهاريو جتان هن ايم ايس سي ڪئي. ڪجه ڏينهن اڳ حرا اسان جي مهربان ميمبر ڊاڪٽر ساند صاحب هن هن ئي گروپ تي ميمبرن کي مدد ڪرڻ جي اپيل ڪئي ۽ ماپي. هن مان ظاهر ٿئي ٿو ته تحقيقي ڪم ۾ ڪيس اهڙي موٽ نه سندس مدد ڪئي ته حرا خوشيءَ ۾ نه پئي سندس جوڳي مدد نه ڪا نه ڪئي آهي ۽ جيڪو مدد ڪندس ان تي حرا ايئن ئي ملي آهي ۽ ڪنهن ته اها ڳڻ-چور ٿئي شڪرگذاريءَ جو عملي مظاهرو ڪندي. ڇو ته سنڌي عورت يا نياڻي جي فطرت ۾ ئي ناهي نه فقط تحقيق جي هن مرحلي ۾ ڪامياب ۽ ڪنهنجي چڱائي وساري ڇڏي. منهنجي دعا آهي ته ڏٺي ڪيس ڪري پر ڪاميابيون ئي ڪاميابيون ڏسندي رهي

## “ شاهده پروين ابڙو- سندس خاندان وڏ-وڙو “

لاڙڪاڻي ۾ تاج محمد ابڙي نالي هڪ وڏي شخصيت ٿي گذري آهي جنهن هڪ جج جي حيثيت ۾ ۽ سياستدان جي روپ ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون. شاهده پروين ابڙو انهيءَ وڏي انسان جي نياڻي آهي. سندس ڀاءِ مير نادر ابڙو وري اينٽيڪرپشن کاتي ۾ وڏو عملدار آهي. ان ڪانسواءِ زاهده تاج ابڙو به سندس ڀيڻ آهي.

چوندا آهن ته گل نه هوندا آهن ته انهن جي خوشبوءِ عطر مان ايندي آهي. اهڙي طرح جڏهن پيءُ ماءُ هن جهان ۾ نه هوندا آهن ته انهن جو اولاد سندن نالي ۽ ڪم کي چمڪائيندا آهن. شاهده پرين ابڙو اهڙي اولاد آهي جنهن پنهنجي والد ۽ خاندان جي نيڪ ناميءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي.

شاهده پروين ابڙو 1972 ۾ ڄائي . 1983 ۾ گريجوئيشن ۽ 1986 ۾ پوليٽيڪل سائنس ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ ايم.اي ڪيائين. هن وقت حيدرآباد ريجن ۾ ڪاليجن جي انسپيڪشن ڪرڻ واري شعبي ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر آهي.

شاهده پرين 1987 کان اسپيشل ايڊيوڪشن جي ملازمت جو آغاز ڪيو.1990 ۾ ليڪچرار ٿي. ترقي ڪندي حيدرآباد جي نزهت ڪاليج جي پرنسپال به ٿي. انهيءَ دوران ٻيا عهدا به ماڻيا اٿس.

اسان هن گروپ ۾ ڪوڙ ساريون ميمبراڻيون آهن. مثال طور وينا شرنگي شالني ساگر ڊاڪٽر شهنيلا زرداري نفيس علي بينا رامچنداڻي حرا چنا شازيه خشڪ نندااتا بيبي آمنا امام ۽ حسينه جتوئي.

هن گروپ ۾ هيترين فعال ميمبرياڻين جو هجڻ ثابت ڪري ٿو عزت ۽ اعتماد مان جڙيل هن جهوپڙيءَ ۾ اسان سڀ سکي آهيون. جيئن مون ميمبرن تي تعارفي خاڪا لکڻ شروع ڪيا آهن تيئن مان ميمبراڻين کي گذارش ڪندس ته پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن جي آڌار تي هر هڪ مانائتي ميمبرياڻي هڪ تفصيلي

پوسٽ ضرور لکي. ڇو ته عورت-ذات جي لکڻ دور جي مڪمل ڪهاڻي ٿيندي آهي. سڪن جي هن سنسار ۾ دکن جي اصلي ۽ چٽي تصوير عورت جي روح وجود ۾ سمايل ٿيندي آهي. پيڻ شاهده پروين ابڙو هبن گروپ جي فعال ميمبرياڻي آهي. پاڻ ملازمتي مصروفيتن مان وقت ڪڍي سٺيون پوسٽنگس شيئر ڪندي آهي جنهن تي ڪيس داد به ملي ٿو. پر منهنجي تمنا آهي ته پنهنجي يادگيرين مشاهدن ۽ تجربن جي آڌار تي طويل پوسٽنگس به لکي. منهنجي دعا آهي ته شاهده پروين جگ جگ جيئي. خوشيون ماڻي ۽ اهڙئ ريت سماجي علمي ۽ قلمي خدمتون سرانجام ڏيندي رهي. (سيده فاطمه)

## "حسينه جتوئي- لڄ ۽ حياء جي لوئي "

حسنه جتوئي تازو شامل ڪيل ميمبراڻين مان هڪ آهي. پر هن جي زندگي سنڌي عورت جي عظمت جي ڪهاڻئ آهي. اهو معاشرو جنهن تي صدين ڪان مرد--ذات جو ڇاپو ۽ داٻو رهيو آهي. ان ۾ عورت ڇا ٿي پوڳي ۽ ڪيئن ٿي ڪر ڪڍي پنهنجي حيثيت ۽ اهميت مڃائي؟ اهڙن هزارن مثالن مان حسينه جتوئي هڪ زنده مثال آهي.

ادي حسينه جتوئي 6 فيبروري 1962 تي مورو شهر ۾ جائي. اتي پنج درجا مس پڙهيائين جو 1970 ۾ هن جو خاندان ڪراچئ لڏي آيو. هن پوء اين جي وي اسڪول ۾ داخلا ورتي.  ڪراچي يونيورسٽئ ، شاه لطيف يونيورسٽئ ۽ سنڌ يونيورسٽئ ۾ پڙهيائين ۽ پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم. اي ڪيائين.

هن جي 1984 ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ڳوٺائئ حضور بخش آزاد جتوئئ سان شادي ٿي. جنهن مان ڪيس ٽي پٽ ۽ ٻه نياڻيون ٿيون. هن جو ور 2009 ۾ قوه جوانئ ۾ ڪيس جدائئ جو داغ ڏئي الله کي پيارو ٿي ويو. ان کان پوء هن ڏونگر ڏوريا تڪليفون ڏٺيون ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو ته سنڌي عورت اڻل نڊر ۽ بهادر ڪردار ٿئي ٿي ۽ جڏهن مٿانهس مصيبت جا پهاڙ ڪرن ٿا ته انهن کي ڪپه جا پهاڙ سمجهي بهادرئ سان لوڻء ڪانداريندڙ حالتن تي قابو پائي ٿي. هن جا ٻار اجا ٻار ئي هئا جو هنن جي پيءُ جي ٻاجه جو هٿ هنن کان هٽي ويو. پر حسينه جتوئي پنهنجي اولاد هڪ ئي وقت ماء پيءُ دوست ۽ ساٿي بڻجي هٿين خالي هوندي هنن کي سٺي تربيت ۽ تعليم فراهم ڪئي. ادي حسينه ڪڏهن به پنهنجي اولاد کي پيءُ جي کمئ جو احساس نه ڏياريو.

حسينه جعتوئئ جي مٽي تي آهي ته هن نيائي ڏيکاريو. هن 1996 ۾ "مومل" نالي مئگزن جاري ڪيو. جنهن جي ايڊيٽر ب پاڻ هئي ته پبلشر به پاڻ هئي. 1998 ۾ انهئ مئگزن اخبار جو روپ ورتو ۽ اها روزانه اخبار اڄ ڏينهن تائين بلاناغه نڪرندي رهي ٿي،.

پاڻ جڏهن اين جي وي اسڪول ۾ پڙهندي هئي ته اولڊ اسوڊنٽس ائسوسيئيشن ٺهائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيائين. اڄ تائين انهئ تنظيم سان آهي. ان کان سواء "فلاح" ۽ "سنڌ گريجويشن ائسوسيئيشن" سان به7 لاڳاپيل آهي، هن ريڊيو تي "ٻارڙن جي ٻاري" پروگرام ۽ ٽي وي جي " روشن تارا" پروگرام ۾ ڪيترو وقت پنهنجا جوهر ڏيکاريا اٿس.

ادي حسينه جتوئي جي زندگي جفاڪشي جستجو ۽ جاکوڙ جو اهڙو مثال آهي جيڪو ڪيترن مردن ۾ به ملڻ مشڪل هوندو. چوندا آهن ته " ور ته گهر نه زهر جو زهر" حسينه پنهنجي زندگئ کي زهر بڻائي به اولاد جون زندگيون امر بڻايو آهي. هن نه رڳو گهر کي جنت بڻائي ڏيکاريو آهي پر گهر کان ٻاهر صحافت جي حوالي سان به روزنامه مومل اخبار جو نالو به روشن ڪيو آهي. بي پهچ بي يار و مددگار سنڌي عورت هزار "مدر انڊيا" جي ڪردار کان وڏيڪ امر آهي. منهنجي دعا آهي ته حسينه جڳ جڳ جيئي ۽ سنڌي عورت جي عظمت جي ڪهاڻئ جو مرڪزي ڪردار ٿي زندگي گذاري ۽ ٻين لاء رول ماڊل ٿي رهي. (سيده فاطمه)

## "عينه مقدس امام- وڏي ذات وڏو نام"

چوندا آهن ته "وڏن انسانن تي بار به وڏا". ان ڪري جنهن ماڻهوء کي ڏک گهڻا، سمجهو ته اهو اوترو وڏو آهي. هئ ڳاله ٻين لفظن ۾ هيئن به ڪري سگهجي ٿي ته جيڪو وڏو ماڻهو آهي، اهو وڌيڪ دکي آهي. ان ڪري ته لطيف سائين فرمايو ته "ڏک سکن جي سونهن". اسان جي معاشري ۾ سڀ کان وڌيڪ عورت-ذات آهي.ان ڪري پير تي ڏونڪو هڻي چوڻ ۽ مڃڻ گهرجي ته "عورت-ذات عظيم آهي". پلي عورت جي پيٽ مان جنم وٺڻ وارو مرد عورت جي حيثيت نه مڃي. پر انساني ۽ مذهبي تاريخ عورت جي عظمت جا بي مثال گيت ڳاتا آهن. قيامت ۾ پيء جي نالي سان نه پر ماء جي نالي سان انسان سڏيا اٿاريا ويندا. ڪو انسان ماء کان سواء جنم وٺي نه ٿو سگهي. عورتن نبين ولين بادشاهن کي جنم ڏنو. بيبي مريم ثابت ڪيو ته جيڪڏهن رب چاهي ته پيء بنا پٽ ماء مان پيدا ڪري سگهي ٿو. سو ڪو مڃي نه مڃي، پر اهو سورنهن آنا سچ آهي ته مرد جي پيٽ ۾ عورت وڌيڪ دکي آهي. جيئن ته عورت زياده دکي آهي، ان ڪري ان جا سمورا روپ امر ۽ عظيم آهن.

اڄ مون هن گروپ جي هڪ نوجوان عورت جي چونڊ ڪئي آهي. اها آهي عينه مقدس امام. اسان جي گروپ جي هئ مانائتي ميمبرياڻي سيدياڻي آهي. ڪربلا جي واقعي ۾ جهاتي پائي ڏسو، اوهان کي سيدياڻن جي سورن جا هزارين مذڪور ملي ويندا. انهن سورن جو ونڊ اوهان کي هر دور جي سيدياڻئ کي ورثي ۾ مليل محسوس ٿيندو. عينه مقدس امام به انهن دکن دردن کان وانجهيل ڪانهي. ان ڪري هن جو ڪلهئ طرح زندگئ جو احوال لکڻ آسمان مان تارا لاهي اچڻ برابر آهي. پوء به هن جو ڪجه نه ڪجه احوال ته مان به ڏيڻ ٻڌائڻ کان پٺتي پير نه ڪندس.

ٻيبي 10 آڪٽمبر 1982 تي سکر ۾ ڄائي. سندس واسطو ڪاظمي خاندان سان آهي. تعليم سکر ۾ ئي ورتائين. اڪنامڪس ۽ انگريزيءَ ۾ ايم.اي ڪئي اٿس. ان ڪان سواءِ ايم.ايڊ به سٺي گريڊ ۾ ڪئي اٿس. اڄ ڪله استادياڻيءَ طور تعليم کاتي ۾ ملازمت ڪري ٿي. تازو شادي ڪئي اٿس.

ٻيبي عينه مقدس امام انگلش لٽريچر جي شاگردياڻي رهي آهي، ان ڪري هن ۾ لبرل ادبي ذوق اوس ئي آهي، پر ماحول موقعا ۽ سهولتن نه هجڻ ڪري لکڻ جي منزل ماٿي نه سگهي آهي. سندس خيال آهي ته هن گروپ ۾ "لکڻ جي سکڻ" جو سازگار ماحول آهي ان ڪري هتي لکڻ جي ڪوشش ضرور ڪندي. في الحال ٻيبي ڊزائينڊ ڪوٽيشنس شيئر ڪري هن گروپ ۾ رونق پيدا ڪري رهي آهي. سينئر ميمبرن سان سندس خيالن جي ڏي وٺ مان عينه مقدس امام جي مطالعي ۽ بردباريءَ جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هيءَ اسان جي گروپ جي هڪ فعال ميمبرياڻي آهي. انشاء الله گروپ ۾ لکڻ به شروع ڪندي. منهنجي هن سيدياڻيءَ لاءِ دعا آهي ته جڳ جڳ جيئي ۽ اسانجي ساٿ سنگت ۾ رهي پنهنجي ذات ذاهپ جا موتي ورهائيندي رهي. (سيده فاطمه)

## "ڊاڪٽر وحيد جتوئي- خلوص خدمت سندس دل ۾ سيوئي "

جتوئي ذات جو نالو جڏهن به زبان تي اچي ٿو ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي ياد تازي ٿي وڃي ٿي. هن عظيم انسان هاري مارؤوڙن جي مسئلن کي آواز ڏيڻ ۽ پورهيتن کي زبان ڏيڻ لاءِ مثالي قربانيون ڏنيون. هڪ ماڻهو جيڪڏهن آدرشي انسان ٿئي ٿو ته ان جي ذات به امر بڻجي وڃي ٿي. ان ڪري جڏهن آئون هن گروپ جي ميمبر ڀاءُ ڊاڪٽر وحيد جتوئيءَ جو اڄ ٿورو تاثراتي تعارف لکڻ ويٺي آهيان ته هن ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي شخصيت جو اولڙو نظر اچي ٿو ۽ ٻنهي ۾ ڪي هڪ جهڙايون نظر اچن ٿيون. مثال طور ٻئي لاڙڪاڻي ضلعي سان واسطو رکن ٿا. ٻئي شاعر آهن ۽ ٻئي گزيٽيڊ آفيسر ٿيا.

ڊاڪٽر وحيد جتوئي ڳوٺ ماڻو ۾ 31 جنوري 1977 تي نواب خان جتوئيءَ جي گهر ۾ اک کولي. 1992 ۾ مئٽرڪ 1996 ۾ گريجوئيشن 1999 ۾ انگريزي ادب ۾ ايم اي ۽ 2016 ۾ پي ايڇ. ڊي ڪيائين. هن پنهنجي ٿيسز ۾ مرحوم جي الانا جي شاعريءَ ۾ صوفياڻي ۽ فيلسوفياڻي پهلوئن جو اپياس ڪيو آهي.

هن گروپ جي خصوصيت ۽ اهم ڳاله اها آهي ته ان بالا تعليمي لياقتن وارا ماڻهون ميمبر آهن جن گروپ کي هڪ علمي ۽ قلمي خاندان ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. انهن جي قلمي ڪارنامن ۽ شخصي قابليت جو ئي اثر آهي جو مون پاري گهڻ تجربي ۽ مشاهدي رکڻ واريءَ ميمبرياڻيءَ هن گروپ کي علمي ۽ قلمي درسگاه سمجهي لکڻ شروع ڪيو ته جيئن جيڪو ڪچو ڦڪو لکندس ان ۾ سينئر ۽ بزرگ ميمبر منهنجي رهنمائي ڪندا ۽ مون کي لکڻ جو ڏانءَ ملي ويندو. هونءَ نه ته "ڪٿ مهر علي ڪٿ تيري ثنا" مصداق ڪٿي آئون ۽ ڪٿي لکڻ . بس مان ته من ۾ محبت پائي رنڊا روڙيان ٿي. اها وڏن جي شفقت

آهي جو منهنجون لکڻ واريون اوڻايون لڪائي همت افزائي ڪن ٿا. مان جن تي لکان ٿي شايد انهن سان پرپو انصاف نه ٿي ڪريان. پر مون سان شفقتن ۾ پرپور انصاف ڪيو وڃي ٿو.

ادا ڊاڪٽر جتوئي صاحب ڪتاب قلم-ڏٺي آهي. هن جيڪي ڪتاب لکيا آهن انهن مان "سنڌي شاعري فن کان فڪر تائين" (1998) "وجوديت ۽ سنڌي ادب " (2001) " ايونگ شيڊوز" (انگريزي شاعري 2004) ۽ " سم ٽائيمس " (انگريزي شاعري 2015) ذڪر لائق آهن.

ڊاڪٽر جتوئي انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ هڪ جهڙي معياري شااعري ڪري ٿو. سندس هڪ سونيٽ جون هي سٽون ملاحظه ڪريو:

You may not accept my love though

And express hatred as heard you say

Yet my love grows and still will grow

وري سندس سنڌي شاعريءَ جو انداز ڏسو:

محبت کي پالي رکيو جن انبن جيان انهن کي ڪڏهن پي ملي مات ناهي
لڳائي ڦٽايون دليون دوستن سان اسان جي مٺا سا ڪچي ذات ناهي
منهنجي دعا آهي ته جتوئي صاحب جگ جگ جيئي ۽ ادب جا گهڙا پريندو رهي. (سيده فاطمه)

## "شبير شيخ صاحب - سدا خوش رکيس رب "

گذريل ہن تعارفي پروفائيلن ۾ مون سيلف ميڊ ماڻهن جو ذڪر ڪيو. اڄ پڻ هڪ وڏيڪ سيلف ميڊ شخيت شخصيت جو ذڪر ڪنديس جيڪو آهي غلام شبير شيخ صاحب جيڪو شروع کان وٺي ڪڏهن ڪڏهن پوسٽنگس شيئر ڪندو آهي جيڪي سوچيندڙ سنڌين کي ڪنهن نئين زاويئي سان سوچڻ لاء مجبپر ڪنديون آهن . سندس پوسٽون سنڌ-دوستيءَ ۽ انسان- دوستيءَ جو مظهر هونديون آهن. ساڳيءَ.اهميت ۽حيثيت ۽ مقصد واريون پوسٽون ادي ڊاڪٽر شهينيلا زرداري به ڪندي آهي. هن گروپ جا ٻئي ساٿي معيار ۽ بردباريءَ جو اسان لاء مثال آهن.

شيخ صاحب لوئر مڊل ڪلاس جي خاندان جي فرد هئڻ باوجود پنهنجيءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان آء جي پوليس سنڌ جي منصب تائين پهتو . پوليس کاتي مان رٽائير ڪيائين. اڄ ڪله سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر آهي. هيءَ سندس ملازمت ۾ ايمانداري انصاف پسندي ۽ اصول پسنديءَ جو ئي نتيجو آهي جو سرڪار رٽائيرمينٽ کان پوء به سندس خدمتون ڪم آڻيندي رهي ٿي. هن شخص جتي جتي نوڪري ڪئي اتي قانون ٽوڙيندڙن ۽ ڌاڙيلن خلاف رڻ ٻاري نالو ڪمايائين.

گهڻن دوستن کي خبر نه هوندي ته شيخ صاحب ۽ هن گروپ جا باني هڪ ئي ڳوٺ جا آهن ۽ پاڻ ۾ پڳ-مٽيا يار آهن. سندن ڳوٺ خير محمد آريجا سنڌ جي تاريخ ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو. هن ڳوٺ ۾

علامه محمد نالي هڪ مشهور عالم ٿي گذريو آهي جنهنجي مدرسي ۾ پاڳارا گادئ جو باني پير محمد راشد روضي ڌڻي به پڙهي ويو آهي. هتي هن ڳوٺ ۾ مخدو شهاب الدين مگريئي نالي هڪ بزرگ به ٿي گذريو آهي. اهو دراصل مخدوم عبدالرحيم گروهڙئ جو ساتي هئو ۽ هن سان گڏجي جهاد ڪيائين ۽ گروهڙئ جي شهادت کان پوء هن اچي هن ڳوٺ ۾ رهيو جتي وفات ڪيائين.

شيخ صاحب هن تاريخي ڳوٺ جو رهواسي آهي ۽ پنهنجي محنت سان انهئ تاريخي شهر جي تاريخ ۾ پنهنجو نالو به سونهري حرفن سان لکرايو اٿس. شيخ صاحب جو هن گروپ ۾ هجڻ اسان نئين نسل وارن لاء اتساه جو ڪارڻ آهي. هنن ماڻهن جي زندگي اسان لاء درس برابر آهي ۽ وڏو  پيغام آهي ته ماڻهو پارت سفارش ۽ پئيسي جي ڪري يا ان جي ڏڍ تي وڏو ماڻهو نه ٿو ٿئي، پر اها محنت تي آهي جيڪا ڪيس " الڪاسب حبيب الله" جي رستي کان وٺي دنيا ۾ عزت ۽ احترام جي منزل تي پهچائي ٿي.

شبير صاحب ۽ ٻيا سينئر گروپ ميمبر اسان لاء وڏئ وٽ برابر آهن. ڇو ته اسان هنن کان ماڻهپي، انساني احترام  ۽ عورت-ذات جي ادب حيثيت سمجهڻ ۽ مڃڻ جو اتساه وٺون ٿا. هنن جون شفقتون اسان لاء عزت ۽ همت افزائي جو ڪارڻ آهن. ياء شيخ صاحب لاء منهنجي دعا آهي ته جڳ جڳ جيئي.(سيده فاطمه)

"شبير شيخ صاحب - سدا خوش رکيس رب "

گذريل ٻن تعارفي پروفائيلن ۾ مون سيلف ميڊ ماڻهن جو ذڪر ڪيو. اڄ پڻ هڪ وڏيڪ سيلف ميڊ شخيت شخصيت جو ذڪر ڪنديس جيڪو آهي غلام شبير شيخ صاحب جيڪو شروع کان وٺي ڪڏهن ڪڏهن پوسٽنگس شيئر ڪندو آهي جيڪي سوچيندڙ سندين کي ڪنهن نئين زاويئي سان سوچڻ لاء مجبپر ڪنديون آهن . سندس پوسٽون سنڌ-دوستئ ۽ انسان- دوستئ جو مظهر هونديون آهن. ساڳئ.اهميت ۽حيثيت ۽ مقصد واريون پوسٽون ادي ڊاڪٽر شهينلا زرداري به  ڪندي آهي. هن گروپ جا ٻئي ساٿي معيار ۽ بردبارئ جو اسان لاء مثال آهن.

شيخ صاحب لوئر مڊل ڪلاس جي خاندان جي فرد هئڻ باوجود پنهنجئ محنت ۽ جفاڪشئ سان آء جي پوليس سنڌ جي منصب تائين پهتو . پوليس کاتي مان رٽائير ڪيائين. اڄ ڪله سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر آهي. هئ سندس ملازمت ۾  ايمانداري انصاف پسندي ۽ اصول پسندئ جو ئي نتيجو  آهي جو  سرڪار رٽائيرمينٽ کان پوء به سندس خدمتون ڪم آڻيندي رهي ٿي. هن شخص جتي جتي نوڪري ڪئي اتي قانون ٽوڙيندڙن ۽  ڌاڙيلن خلاف رڻ ٻاري نالو ڪمايائين.

گهڻن دوستن کي خبر نه هوندي ته شيخ صاحب ۽ هن گروپ جا باني هڪ ئي ڳوٺ جا آهن ۽ پاڙ ۾ ڀڳ-مٽيا يار آهن. سندن ڳوٺ خير محمد آريجا سنڌ جي تاريخ ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو. هن ڳوٺ ۾ علامه محمد نالي هڪ مشهور عالم ٿي گذريو آهي جنهنجي مدرسي ۾ پاڳارا گادئ جو باني پير محمد راشد روضي ڌڻي به پڙهي ويو آهي. هتي هن ڳوٺ ۾ مخدو شهاب الدين مگريئي نالي هڪ بزرگ به ٿي گذريو آهي. اهو دراصل مخدوم عبدالرحيم گروهڙئ جو ساتي هئو ۽ هن سان گڏجي جهاد ڪيائين ۽ گروهڙئ جي شهادت کان پوء هن اچي هن ڳوٺ ۾ رهيو جتي وفات ڪيائين.

شيخ صاحب هن تاريخي ڳوٺ جو رهواسي آهي ۽ پنهنجي محنت سان انهيءَ تاريخي شهر جي تاريخ ۾ پنهنجو نالو به سونهري حرفن سان لکرايو اٿس. شيخ صاحب جو هن گروپ ۾ هجڻ اسان نئين نسل وارن لاءِ اتساه جو ڪارڻ آهي. هنن ماڻهن جي زندگي اسان لاءِ درس برابر آهي ۽ وڏو پيغام آهي ته ماڻهو پارٽ سفارش ۽ پئيسي جي ڪري يا ان جي ڏيڍ تي وڏو ماڻهو نه ٿو ٿئي، پر اها محنت تي آهي جيڪا ڪيس " الڪاسب حبيب الله" جي رستي کان وٺي دنيا ۾ عزت ۽ احترام جي منزل تي پهچائي ٿي.

شبير صاحب ۽ ٻيا سينئر گروپ ميمبر اسان لاءِ وڏيءَ وٺ برابر آهن. ڇو ته اسان هنن کان ماڻهپي، انساني احترام ۽ عورت-ذات جي ادب حيثيت سمجهڻ ۽ مڃڻ جو اتساه وٺون ٿا. هنن جون شفقتون اسان لاءِ عزت ۽ همت افزائي جو ڪارڻ آهن. ٻاءِ شيخ صاحب لاءِ منهنجي دعا آهي ته جڳ جڳ جيئي.(سيده فاطمه)

## "ڊاڪٽر ساند عبدالستار - سندس شخصيت باغ بهار "

لکيل پڙهيل علمن اديبن جي هن گروپ ۾ جيڪي وڏا نالا آهن ڊاڪٽر ساند صاحب انهن جي پهرين صف جو ميمبر آهي. هن صاحب 2016 ۾ ملائيشيا جي پرٽنس يونيورسٽيءَ مان اليڪٽريڪل ائنڊ اليڪٽرانڪ انجنئيرنگ ۾ پي ايڇ. ڊي ڪيائين. هن صاحب مازمت جو آغاز 2000 ۾ ڪراچيءَ جي اين اي ڊي يونيورسٽيءَ جي ليڪچراريءَ جي حيثيت سان ڪيو. پورا 9 سال پاڪستان ٽيليڪمينيڪيشن ڪمپنيءَ ۾ انجنيئر ٽيليڪام جي حيثيت ۾ به ڪم ڪيائين. 2009 کان وٺي قائد عوام انجنئرنگ يونيورسٽيءَ نوابشاه ۾ استاد ٿيو. ياد رهي ته ڊاڪٽر ساند صاحب انهيءَ ئي يونيورسٽيءَ مان 1999 ۾ بيچلر ڊگري ورتي هئي.

هن گروپ جو نهايت سرگرم ميمبر ڊاڪٽر ساند صاحب پنهنجي فيلڊ ۾ مڃيل تعليمي ماهر آهي. محقق ۽ قلمي پورهيت آهي . ڪيترا مقالا لکيا اٿس ۽ يونيرسٽيءَ مان نڪرندڙ بين الاقوامي معيار جي تحقيقي جنرلس جو ايڊيٽر ان چيف آهي. اتي ڊپارٽمينٽ آف اليڪٽريڪل انجنئرنگ جو هيڊ آف آهي.

ڊاڪٽر ساند سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا جو ماڻهو آهي. هن جي دين-فهمي به سائنسي سوچ ۽ فڪر جي رنگ ۾ رتل آهي. هو انهن ئي قدرن نظرين تي هلي ٿو جيڪي ماڻهپي ۽ انساني احترام ڏسن ۽ ڏيکارن ٿا. هن جي فڪري ۽ نظرياتي حيثت جو اندازو سندس ڪتابڙي "ماءِ لٽل بوڪ آف ڪوٽيشنس"مان

لڳائي سگهجي ٿو. سندس انهۍ ڪتاب تي وڏن عالمن سندن واکاڻ ڪئي. هن گروپ جي بانۍ ڊاڪٽر پناڻ ان ڪتاب تي هن ئي گروپ ۾ ذڪر ۽ تبصرو ڪيو هو. جيڪڏهن مون وٽ اهو ڪتاب ڪونهي پر انهۍ تبصري مان مون ڊاڪٽر ساند صاحب جي علمي ۽ فڪري حيثيت جو آسانۍ سان اندازو لڳائي ورتو هو.

ڊاڪٽر ساند صاحب انهۍ ئي ڏات جا جوهر هن گروپ ۾ ڏيکاريندو رهي ٿو.. هو پنهنجي ئي فڪر تي ٻڌل ڪارڊ ڊزائين ڪري هن گروپ ۾ شيئر ڪري ٿو ۽ انهن مان اسان نئين نسل وارن ميمبرن کي لاڀ ملي ٿو. ريسرچ گائيڊ رسالن جي چيف ايڊيٽر درس و تدريس جهڙين مصروفيتن باوجود هن پلي انسان گروپ ۽ اسان لاء پئي وقت ڪڍيو آهي. ان مان سندس پنهنجن ماروئڙن سان پيار ۽ ويجهڙائپ جي خوشبوء ايندي آهي.

مان دل سان دعاگو آهيان ته ڊاڪٽر ساند صاحب جگ جگ جيئي ۽ پنهنجۍ ڏات جا ڏيئا ٻاريندو رهي .

* (غلام سيده فاطمه)

# “مهراج رميش ڪمار-غريبن جو يار”

هن گروپ جي مون ٻن آکهين تي لکيو آهي. هڪ ڊاڪٽر پناڻ ٻن پٽن ۽ هڪ پوٽي سميت. ٻيو ادي وينا شرنگۍ جو خاندان. انهۍ خاندان مان مهراج رميش ڪمار به اسان جي گروپ جو ميمبر آهي. اڄ هن ٻاء تي لکبو. پر لکڻ کان اڳ ڊاڪٽر پناڻ جي خاندان جي حولي سان هڪ اڌ اهم ڳاله ڪري مهربان ميمبرن کان صلاح وٺندس. ڊاڪٽر پناڻ جو ٻيو پوٽو زاهد جو پٽ به هن گروپ ۾ آهي جيڪو ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پڙهي ٿو. ان تي بعد ۾ لکندس. پر هڪ ماڻهو ڊاڪٽر پناڻ جي خاندان ۾ آهي، جيڪو هن گروپ جو ميمبر ته ناهي پر آهي اسپيشل ماڻهو ۽ اها آهي مريم خاتون- ڊاڪٽرپناڻ جي ونی ۽ ممتاز ۽ زاهد جي ماء. سندس نالو به ادائي ڏينهن اڳ ممتاز پنهنجۍ هڪ پوسٽ ۾ ورتو هئو. چوندا آهن ته مرد جي لاميابۍ ۾ عورت جو هٿ هوندو آهي. هن گروپ جي بانۍ جي وڏڙي شخصيت هجڻ ۾ ڪو شڪ ڪونهي. ان ڪري ڪيس وڏي بنائڻ لاء قربانيون ۽ ساٿ ڏيڻ وارۍ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. هن لاء مون کي ممتاز جي مدد جي ضرورت پوندي ته جيئن هو پنهنجۍ ماء سان فون تي ڳالهرائي ۽ آئون

مريم خاتون کان جهڙوڪ انٽرويو ورتائون. شايد اڳتي هئ منهنجي لکڻ جو نئون موضوع بڻجي ته آئون ونين وارن ميمبرن جي گهر-ڏياڻين بابت لکان،

ڳالھ ڀاء مهراج رميش ڪمار جي ڪرڻي آهي، پر اهو به نئون ويچار هئو جيڪو دوستن سان ونڊيو هو. ادي وينا سندس ڀاء مهراج رميش ۽ سندن سرڳواسڻ ماء جا فوٽو جن گروپ تي اچي چڪا آهن جن کي گل حيات ڏسندي ۽ ڊاڪٽر پناڻ ۽ سندس ماء مرحومه حيات خاتون سان گڏ ڏيکاريو ويو آهي. ان ڪري اچ ڳالهيون ٻنهي خاندانن جون گڏ ٿي وڃن. جهڙوڪ ٻنهي خاندانن جو ويجهو تعلق منهنجئ اجوڪئ هن لکڻئ ۾ چٽجي ملي ويو آهي.

ادا مهراج رميش ڪمار ڀيڻ وينا شرنگئ کان ننڍو ۽ ادي شالني ساگر کان وڏو آهي. هي ڪلئي پنج ڀائر ۽ ٽي ڀينرون آهن. رميش ڪمار 16 آگسٽ 1949 شهداد ڪوٽ ۾ ڄائو.اتان 1965 ۾ مئٽرڪ ڪيائين. 1969 ۾ لاڙڪاڻي جي ڊگري ڪاليج مان گريجوئيشن ڪيائين ۽ 1973 ۾ ايل ايل بي ڪيائين. پنج سال وڪالت ڪيائين ۽ پوء پنهنجو ڪاروبار ۽ ٻني ٻارو سنڀالڻ شروع ڪيائين. سندس خاندان انڊيا لڏي ويو. پر هن پنهنجي ڌرتي ماتا نه ڇڏي.

مهراج رميش ڪمار ۽ سائين محمد اسلم شيخ هڪ ئي شهر جا ٿين. ادا رميش ڪمار جا والد۔ڏاڏو ناميارا سماجي سڌارڪ رهيا. سندن والد سماجي خدمتن کان علاوه سياست ۾ به حصو ورتو

## “نثار احمد ساگر قبولائي-شاعرئ سان هن پريت نڀائي ”

ممتاز نه فقط گل حيات ۽ پنهنجي والد جي وارث ۽ ترجمان جي حيثيت ۾ هن گروپ جو هڪ سرگرم ميمبر آهي، پر گروپ جي افرادي انگ کي به وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن جي پارتن سفارشن ۽ ڪوشش سان جيڪي گروپ ۾ ميمبر ٿيا آهن، نثار احمد سرگاٽي به انهن مان هڪ آهي. شاعرئ جي دنيا ۾ هي ساگر قبولائئ جي قلمي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.

ڀاء ساگر تخلص ڀنيان قبولائي جو لفظ ان ڪري وڌايو آهي جو ڳوٺ قبولي جو وينڍل آآهي، جو تعلقه ڏوڪري جو مشهور ۽ قديم ڳوٺ آهي. هن ڳوٺ ۾ استاد شاعر اديب سڄڻ علي سرگاٽي المعروف سڄڻ قبولائي ٿي گذريو آهي جنهن جي شاعري مختلف رسالن سان گڏ مختلف ڪتابن ۾ ملي ٿي انهن ڪتابن ۾ جديد شعراء سنڌي ۔وڻجارا ۔لاڙڪاڻو ساه سيباڻو ۔ياد رفتگان ۔اچي وڃن ٿا ڪيسا ٻه فرزند ساگر قبولائي ۽ خاور قبولائي ٿيا، جرڪي پڻ استاد شاعر ۽ اديب آهن.

ساگر قبولائي سنڌ ۾ مشهور شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سنڌن شاعري گلڙا ـعبرت مئگزين ۽ مختلف ادبي رسالن ۾ ڇپبي پڄي چڪي آهي.

ـنثار احمد سرگاٽي المعروف ساگر قبولائي 01. 02.1969 تي قبولو ۾ جنم ورتو ابتدائي تعليم پنهنجي والد استاد سچڻ قبولائي کان پرايائين جڏهن ته مئٽرڪ گورنمينٽ هاء اسڪول باڊه مان 1984 ۾ پاس ڪري انٽر گورنمينٽ سائنس ڪاليج ڏوڪري مان1986 ۾ ڪيائين. بي اي ۽ ايم اي شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ـبي ايڊ علامه اقبال اوپن يونورسٽي مان 2000 ۾ ڪيائين ـايم ايڊ جي ڊگري شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان 2001 ۾ ڪيائين.

ادي ساگر قبولائئ شعر و شاعري 1992 کان شروع ڪئي. شاعرئ ۾ هن غزل نعت قصيده چئو سٽ لکيا آهن جن مان ڪافي رسالن ۾ ڇپبا رهيا آهن . اچو ته سندس شاعرئ جو نمونو نظر مان ڪيون:

ڪي ڪي آهن پيارا ماڻهون

ڪي ڪي اندر ڪارا ماڻهون

ڪي ڪي راتين ڪارين جهڙا

ڪي ڪي چنڊ ستارا ماڻهون

ڪي ته ڏين ٿا سور اسان کي

ڪي سورن سيپارا ماڻهون

ڪي ڪي نٽ وڏائي وارا

ڪي سادا ويچار ماڻهون

ڪي ته غريبن جا هڏ ڏوکي

ڪي ته هلاڪو دارا ماڻهون

ڪيڏا ساگر منجي ويا هن

سنگت صحبت وارا ماڻهون

نثار سرگاٽي جڏهن کان هن گروپ جو ميمبر ٿيو آهي. ان ڏينهن کان گروپ تي علمي ۽ قلمي سرگرمي جاري رکي اٿس. جيڪا پسند ڪئي وڃي ۽ سينئر ميمبر ان تي قيمتي راء ڏيبئندا رهن ٿا. مان ڪيس صلاح ٿي ڏيان ته پاڻ هن گروپ جي نوعيت سرگرمين ۽ ميمبرن جي خدمتن کي ڌيان ۾ رکي گروپ جي منظوم ڪهاڻي لکي. منهنجي دعا آهي ادا سرگاٽي جڳ جڳ جيئي ۽ ادبي خواه تعليمي خدمتون اجا به وڌيڪ جذبي سان سرانجام ڏيندو رهي. (سيده فاطمه)

## “رميز راجا-جنهن جي دل دماغ نفرت کان آجا ياجا ”

اسان جي هن گروپ جي گلستان ۾ يانت بانت جا گل ٻوٽا آهن. انهبن مان ڪيترا مستقل طور گروپ تي لکندا رهن ٿا جيئن ادا سروهي، پيڻ ڊاڪٽر زرداري، ممتاز ۽ مان.. ڪي وري پنهنجي شفقتن، تجربي ۽ مطالعي ۾ حيثيت سبب اسان جي سرپرستي ۽ همت ازائي ڪن ٿا جيئن.سائين منان صاحب ۽ سائين شيخ صاحب. معزز ميمبرن ۽ ميمبرائين جو چڱو انگ پاڻ نه ٿو لکي ته خوبصورت ڊزائن ۽ خوبصورت خيال ونڊي ٿو. رميز راجا انهن ميمبرن مان هڪ آهي. هن کي احساس آهي ته هو عالمن. محققن. وڏن عملدارن ۽ ڏاهن ماڻهن جي سنگ ۽ ساٿ ۾ آهي. چوندا آهن عطار سان دوستي هوندي ته خوشبوء ئي خوشبوء پيو محسوس ڪندو ۽ پاڻ واسجيويندو. چوندا آهن ته ڪتابن جا ڪيڙ پڙهڻ بدران هڪ عالم جي محفل ۾ ويهڻ سان گهڻو پرائي سهھجي ٿو. اهو ماحول هن گروپ موجود ڪري ڏنو آهي. هڪڙا ماڻون اديب ٿيندا

آهن ته هڪڙا وري ادب دوست ٿيندا آهن . رميز راجا ادب دوستن مان هڪ آهي. هن جي لکيو گهٽ آهي  ته پڙهيو گهڻو اٿس. ان ڪري هن گروپ سان محبت اٿس ۽ وس پڄي پوسٽون شيئر ڪري ٿو ۽ٻين جي پوسٽن کي باريڪبينئ سان پڙهي سڪڻ ۽ سمجهڻ لاء پنهنجن خيالن جو اظهار به ڪري ٿو.

ياء رميز راجا تنيو ڳوٺ ٻير شريف  ۾ 17-جولاء -1988 ۾  الطاف حسين تنيو جي گهر ۾ جنم ورتو. هن جي ڳوٺ " ٻير شريف"  لاء چيو وڃي ٿو ته ان هنڌ تي هڪ ٻير جو قديمي وڻ هوندو هو جتي ان وڻ جي ڇانو ۾ اچي ويهندا هئا-جنهن جي ڪري اهو نالو ڳوٺ تي پيو- انهئ ڳوٺ جي چڱڙو  نالي ڍنڍ به هڪ شڪارگاهه هوندي هئي

رميز راجا جي  ڏاڏي ۽ ذوالفقار ڀٽي جي دوستي ب  مشهور هوندي هئي. جن سياست ۾ به پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.. ڳوٺ جنم وٺندڙ پاڪستان سطح  جي هڪ وڏي شخصيت حضرت مولانا عبدالڪريم قريشئ  ضياءُالحق سان موهاڏو اٽڪايو هيو هو. ان ڪري هن ڳوٺ وڏي شهرت ورتي،

ياء رميز راجا جن ڳوٺ ۾ جائو ۽ نپنو. هن مئٽرڪ 2003 ۾ پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ان کانپوء انٽر 2006 ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي ۽ انٽر سان گڏ ڊپلوما ايسوسيئيٽ انجنئير ڪراچي بورڊ مان ڪئي ۽ گريجوئيشن 2008 خير پور يونيورسٽي مان حاصل ڪئي-

رميز راجا 2009 ۾ سنڌ ينيورسٽي ڪميشن جي ٽيسٽ ڏئي ميرٽ جي بنياد تي استاد ٿيو -پنج سال گورنمينٽ گرلس هاء اسڪول شهدادڪوٽ ۾ رهيو.. 2015 کان گورنمينٽ هاء اسڪول رحمت پور جوائن ڪيو اٿس ۽ اتر ممتاز پناڻ سان گڏ درس و تدريس جي پيشي سان وابسته آهي- منهنجي ڪيس دعا آهي ته جگ جگ جيئي. ( سيده فاطمه )

## "ڊاڪٽر احسان دانش پناڻ- علم ادب جو اهڃاڻ"

نوجوان محقق ۽ ناميارو شاعر ڊاڪٽر احسان دانش پناڻ ته آهي، پر ڊاڪٽر پناڻ جو مائٽ ڪونهي. ان ڪري اهو تآثر نه جڙندو ته ڪو مان لاهي پاهي ڊاڪٽر پناڻ جي خاندان تي موقعو ڳولهي لکي رهي آهيان. ڊاڪٽر احسان دانش ناميارى محقق ۽ قادر الڪلام شاعر ڊاڪٽر بشير احمد " شاد" پناڻ جو وڏو فرزند آهي. هي اصل شڪارپور جا آهن جتان لڏي اچي لاڙڪاڻي ويٺا.. ڊاڪٽر شاد صاحب سنڌئ جي پروفيسر واري منصب تان رٽائير ٿيو آهي ۽ سندس هئ فرزند ڊاڪٽر احسان دانش به اڄ ڪله سنڌئ جو فروفيسر آهي ۽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پنهنجون خدتون سرانجام ڏئي ررهيو آهي. هن ۽ سندس پيءُ جو ڊاڪٽر پناڻ سان رشتو اهو آهي ته ڊاڪٽر درمحمد پناڻ ٻنهي پيءُ. پٽ جو پي ايچ. ڊئ ۾ استاد آهي. اهو تحقيقي تاريخ ۾ ڊاڪٽر درمحمد پناڻ هڪ رڪارڊ قائم ڪيو ته هن جتي پيءُ کي

ڊاڪٽري ڪرائي، اتي ان جي پٽ کي به ڊاڪٽري ڪرائي. پي ايچ. ڊيءَ ۾ ڊاڪٽر شاد صاحب ڊاڪٽر درمحمد جو پهريون شاگرد آهي.  ڊاڪٽر احسان دانش جو سپروائيزر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو هئو ۽ .هن گروپ جو باني سندس ڪو گائيڊ ٿي رهيو

احسان دانش اسان جي هن گروپ جي شروع کان وٺي ميمبر آهي. هو هر پوسٽ کي پيار ۽ پاٻوه سان پڙهندو ته آهي پر پنهنجي طرفان پوسٽ رکڻ کان ان ڪري قاصر آهي جو هو ادبي. علمي ۽ درسي ڪمن ۾ بيحد مصروف رهي ٿو. سنڌ ۾ ڪٿي به ادبي ميلو ٿئي. ڪا ڪانفرنس ٿئي.  ڊاڪٽر احسان دانش ان ۾ ضرور شرڪت ٿو ۽ انهن ۾ پنهنجو ڪلام يا تحقيقي مقالو پيش ڪري ٿو. سچ پچ ته ڊاڪٽر .احسان دانش هن دور جي علمي ۽ ادبي سرگرمين جو جهڙوڪ خود حصو آهي

چوندا آهن ته جيڪو ڪنڌ ۾ هوندو، اهوئي پاٽ ۾ پوندو. انهيءَ چواڻيءَ احسان دانش جي شخصيت ۾ جيڪي علم-دوستيءَ، لکڻ پڙهڻ وارا خوبصورت رنگ نظر اچن ٿا. اهي سندس والد ڊاڪٽر بشير احمد شاد جي شعوري ڪوشش ۽ صحبت جو اثر آهي. ڊاڪٽر شاد صاحب ”تنظيم فڪر نظر“جو اڳواڻ رهيو ۽ لاڙڪاڻي ۾ ”سچل ادبي مرڪز“ نالي ادارو قائم ڪيائين. ڪيترين ادبي ڪانفرنسن ۽ ميڙاڪن ۾ شرڪت ڪيائين ۽ هر موقعي تي پنهنجي پٽ احسان دانش کي پاڻ سان گڏ رکيائين. انهيءَ صحبت ۽ انهيءَ تربيت احسان دانش کي قلم-قبيلي ۾ وڏي مقام ۽ منزل تي رسايو. احسان دانش پنهجي پيءُ جي نقش قدم تي ته هليو، پر پنهنجو ادبي ٿشخص ۽ وٽندڙ علمي قد بت به بڻائي ورتائين. اهو ئي سبب آهي جو احسان دانش ”لاڙڪاڻه ڊسٽرڪٽ آرٽس ڪائونسل“ جي مکيه عهديداري پڻ ماڻي، احسان دانش ڪيترن ڪتابن جو مصنف ۽ مرتب آهي. هي ”سچل ادبي مرڪز“ جو روح ۽ ”لاڙڪاڻه هسٽاريڪل سوسائٽيءَ“ جي جان آهي. منهنجي ڪيس دعا آهي ته جگ جگ جيئي ۽ ايئن ٻولڻ ۽ علم ادب جا گهڙا ڀريندو رهي. (سيده فاطمه)

## “محمد رفيق بروهي-سٺو شاعر آهي جو ئي ”

ممتاز پناڻ پاڻ ته شاعر ناهي پر شاعريءَ جو قدردان ۽ شاعرن جو يار ضرور آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن پنهنجن جن دوستن کي هن گروپ ۾ شامل ڪيو آهي، اهي نه فقط شاعر آهن بهترين شاعر آهن. انهن مان هڪ آهي محمد رفيق بروهي  ۽ ٻيو آهي  نثار احمد سرگسٽي. ياء سرگاٽيءَ جو ذڪر هن کان اڳ ڪري چڪي آهيان. جنهن سان منهنجو شاه لطيف جي شاعريءَ جي مطالعي جي حوالي سان وٽندڙ علمي بحث به ٿيو. شايد اسان ٻنهي ڊاڪٽر پناڻ صاحب کي ناراض به ڪيو هجي، جيڪو بحث مباحثي کي گروپ ۾ پسند نه ڪندو آهي ۽ هن جي گروپ

جي حوالي سان سندس اها حڪمت عملي آهي ته اهڙا بحث مباحثا ون ٿو ون چيٽ ۾ ڪرڻ گهرجن ۽ هن گروپ کي فقط ٻن ميمبرن جي علمي ۽ قلمي جنگ جو ميدان نه بڻايو وڃي. ياء سرگاڻيءَ کان پوء اج ممتاز جي ٻئي دوست ۽ هن گروپ جي ميمبر رفيق احمد بروهيءَ جو ذڪر ڪنديس.

ياء رفيق احمد بروهي مئي 1972 ۾ تعلقي باقراڻيءَ جي ڳوٺ  محرابپور سنديلي ۾ ڄائو.  محراب جي نالي سان سنڌ ۾ ٽن ڳوٺن شهرت ماڻي. هڪ محران سنديلو  جنهن ۾ سنڌ جو نامور محقق ۽ لوڪ ادب جو ڄاڻو ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ۽ ادا رفيق بروهي ڄائو. باقي محراب پور نالي ڳوٺ محراب سنديلي کان اٺ ڏهه ڪلوميٽرن تي آهي. درياه جي هن پار به محراب پور آهي. ٻنهي محراب پور ڳوٺن جي عجيبب مماثلت هيءَ ئي آهي ته ٻنهي ڳوٺن ۾ ساڳي نالي، يعني غلام رسول نالي شاعر پيدا ٿيا. ٻئي مولوي هئا ۽ ٻئي مذهبي شاعر هئا ۽ ٻنهين " خطبا" لکيا، جيڪي سنين جي مسجدن ۾ جمعي ڏينهن تي پڙهيا ويندا آهن. چوڻ جو مقصد هيءَ آهي ته محراب نالي ڳوٺن جي هڪ انوکي تاريخ آهي ۽ ياء رفيق انهن مان هڪ محراب (سنديلو) ڳوٺ ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ ورتي پوء 1988 ۾ ڳيريلي هاء ادڪول مان مئٽرڪ ڪيائين. بي.ايڊ ۽ ايم.اي شاه لطيف يونيورسٽيءَ مان ڪئي اٿس. اج ڪله رشيد وگڻ هاء اسڪول ۾ استاد آهي ۽ اسان جي ممتاز جو پڳ مٽيو يار آهي.

رفيق بروهي جڏهن مئٽرڪ ۾ پڙهندو هئو ته ڪيس شاعريءَ سان شغف ٿيو. هن نامياري شاعر استاد بخاريءَ جي شاعريءَ کان متآثر ٿي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. هاڻي هو سٺن شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس شاعري ڪيترن فنڪارن ڳاتي به آهي جن مان غلام شبير سمي، فقير امان الله، ليلا سورٺ، اختيار دايئي، وحيد نواز ذڪر لائق آهن. هن جي شاعري سادي سلوڻي ۽ عوامي رنگ ۾ رتل آهي.سندس شاعريءَ جو نمونو ملاحظه فرمايو:

رات ڪاري ۽ وڇوڙو اچي ٿو ڪائڻ گهر

تنهنجي وئي کان پوء لڳي ٿو سنسان شهر

ڪري اوجاڳا هي اکڙيون ٿي ويون لال آهن

سوا تنهنجي هي فقيري ٿي ويا حال آهن

نڪي قاصد نه نياپو نه ڪوئي ڏئي ٿو خبر

ڪوئي مجنو ٿو ته  ڪوئي ٿو چريو چئي

عشق جي چوٽ آ جنهن کي خبر تن کي پئي

ڪنهن کي خوشي ڪنهنجي ٿئي زندگي زهر

رفيق“ تنهنجو ئي آهي رفيق ئي رهندو“

جيسين آ جاني حياتي توکي پيو ياد ڪندو

تنهنجو تصور اکين جي سامهون آهه اڪثر

## “سائين منان هن گروپ جو شان“

شاه لطيف چوائڻ “ڪي ويجها ئي ڏور ته ڪي ڏور به اوڏا سپرين“ مصداق هن گروپ جي ڪيترن ميمبرن هڪ ٻئي کي ڏٺو به ڪونهي پر ايئن لڳندو آهي ته ڪا سالن کان وٽي واقفيت آهي. گروپ جي جملي ميمبر ۽ ميمبراڻين هن گروپ کي هڪ اهڙي گهر جهڙو بڻايو آهي جتي هر ڪنهن کي هڪ

جيتري عزت ۽ حيثيت حاصل آهي. هر ڪنهن جو خيال ۽ احترام ڪيو ويچ ٿو. هر ڪو ويچار وندي ٿو ته ان ڪي پڙهيو پرجهيو وڃي ٿو ۽ پنهنجائپ سان داد ڏنو وڃي ٿو يا ٽيڪا ٽپڻي ڪئي وڃي ٿي.

سائين منان ميمڻ صاحب هن گروپ-گهر جي بزرگ ڀاتين مان هڪ آهي. ڪيس داد ڏيڻ ۽ همت افزائي ڪرڻ جو دل ٺاپندڙ طريقو به آهي ته ذريعو به آهي. جڏهن اسان ڀارين نئو ليکڪائيٽين تي ''بيٽا'' جي لفظ سان موٽ ڏيندو آهي ته سنڌي ماڻهون جي عورت جي عظمت شناسئ تي يقين ٿيڻ لڳندو آهي ۽ اسان نياٽين کي يقين ٿي ويندو آهي ته سنڌين کان ڪو عورت-ذات جو درس ۽ سبق وٺي. اهو ئي يقين ڀروسو ۽ آسرو آهي جو اسان سنڌ-ڄايون مرد-ذات سان گڏجي پنهنجي لياقتن ۽ صلاحيتن کي اجتماعي ۽ قومي مفاد ۾ ڪم آڻڻ تي آماده ٿي وڃون ٿيون. منان صاحب جهڙن ميمبرن مون کي دل کولي لکڻ ۽ شيئر ڪرڻ تي آماده ڪيو. منان صاحب همت افزائيءَ جي اهڙيءَ تحريڪ جو روح روان آهي.

ڪيترا ميمبر صاحبان ۽ مانائتيون ميمبرٽايون مصروفيتن ڪري ڪڏهن ڪڏهن غائب ميمبر ميمبرياڻي جو روپ ڌاريندا آهن. پر سائين منان صاحب جي محبت ۽ خلوص جو سج اسان تان نه لٿو آهي ۽ نه لهندو.

رويا عمل ۽ ردعمل نه فقط شخصيت پر ان جي خاندان ۽ خانداني پس منظر تي روشني وجهندا آهن. سائين منان صاحب جي ٻاجه ۽ شفقت سندس شخصيت کان وٺي ويندي هن جي خاندان بابت اسان جي ذهن ۾ احترام واري جاءِ وٺي بيهي ٿو. سندن ولادت ٽنڊي ڄام جي انهيءَ خاندان مان ٿي جنهن سنڌ کي سراج الحق ميمڻ ڊاڪٽر فهميده ميمڻ انيسه ميمڻ جهڙيون علم ۽ قلم جي دنيا جون برجستيون ۽ قداور شخصيتيون ڏنيون. شرجيل ميمڻ به هن خاندان مان آهي. منان صاحب مٽين تعليم اتي زرعي يونيورسٽيءَ مان ورتي ۽ سنڌ ۽ پاڪستان سرڪار جو گزيٽيڊ آفيسر تي رٽائيرمينٽ ورتي اٿس. ڏٽي ڪيس وڏي ڄمار ڏئي. (سيده فاطمه)

## ''سارنگ ساقي-ڀيءَ جي ڏات جو اوطاقي ''

ڪٽي والدين پنهنجي اولاد جي ڪري ڄاتا ويندا آهن ته ڪٽي اولاد والدين جي ڪري سڃاتو ويندو آهي. پر بختور اولاد اهو آهي جيڪو پنهنجو نالو به ڪمائي ۽ پنهنجي والدين جو نالو به چمڪائي. هن گروپ ۾ ڪوڙ اهڙا ميمبر ۽ ميمبراٽيون آهن جن لائق اولاد طور پنهنجي والدين جي نالي ۽ اميدن کي اڀاريو

۽ پنهنجي قول فعل سان نشابر ڪرڻ ۾ مصروف آهن. مثال طور پيپلز ڊاڪٽر زرداري پنهنجي مرحوم پيءُ جون سڪون پئي لاهي ۽ ممتاز پنهنجي پيءُ جو ٻانهن ٻيلي تي گل حيات ۽ پنهنجي والد جو نالو روشن ڪري. سارنگ ساقي به انهن ۾ اهڙن ميمبرن مان هڪ آهي. ياء سارنگ ساقي ڪڏهن ڪڏهن ڪا ذهن-جهنجهوڙيندڙ پوسٽ رکي ٿو. پر گهڻو وقت گروپ ۾ ٻين پاران رکيل پوسٽن کي پڙهڻ پرجهڻ ۾ گذاري ٿو، سارنگ سنڌ جي هڪ وڏي سگهارئ نظرياتي شخصيت مرحوم ڄام ساقئ جو فرزند آهي. ڄام ساقي سنڌ جو اهو سپوت آهي جنهن وڏيون قربانيون ڏنيون ۽ اڏول شخص بڻجي جابر ۽ ظالم حڪمرانن جو مقابلو ڪيو ۽ سنڌ جي سياست ۾ لانگ مارچ جي روايت وڌي. ڄام ساقئ آخر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽئ ۾ شرڪت ڪئي. هن لاثاني نظرياتي انسان پنهنجي زندگي اڪارتي نه گذاري ۽ ڪيترا بهترين مثال قائم ڪري هئ جهان ڇڏيو. ياء سارنگ سندس پٽ آهي. سارنگ پنهنجي پيءُ جي نظرياتي ۽ سياسي ڪردار کي اکين سان ڏٺو ۽ ان جو اثر خواه رنگ قبول ڪيو. پر، هئ اسان جي معاشري جي بي حسي ۽ ٽريجڊي آهي جو اسان مثالي انسانن کي مهت ۽ موت نه ڏيندا آهيون، حالانڪ هو اسان جي نظرياتي مفادن خاطر وڏيون قربانيون ڏيندا آهن ۽ پنهنجي خاندان تي توجه ڏئي نه سگهندا آهن. ڇو ته اهي پنهنجي خاندان کي به قوم جي باقي خاندانن جهڙو سمجهندا آهن. هو سڄئ قوم لاء ٿيندا آهن. مگر فقط پاڻ لاء ۽ پنهجي خاندان ڪاء ڪونه هوندا آهن. ڪن هنن سان قرب ڪيو ته جي بسم الله، جيڪڏهن ڪين محبت ۽ موٽ نه ملي ته ڪنهن کي ميار نه ڏيندا مگر پنهنجو وارو وڄائي ويندا. ايئن ڪامريڊ ڄام سانگي به پنهنجو وارو وڄائي ويو. هاڻي سندس سارنگ پٽ جو وارو آهي.

ياء سارنگ ڄام 20 ڊسمبر 1990 تي

ڳوٺ جنجهي،تعلقو ڇاڇرو ۾ ڄائو. هن مئٽرڪ 2006 ۾ . انٽر 2008 ۾ ، بي اي 2011 ۾ ۽ ايم .اي ڪئي آهي. اڄ ڪله ايل ايل ڪري رهيو آهي. سارنگ ڄام جي سوچ ۽ لوچ تي ساڳيو ئي سندس پيءُ جو رنگ چڙهيل آهي. هن پنهنجي والد جا ۽ والد تي لکيل ڪتاب ڇپرائڻ جي ڪوشش شروع ڪئي آهي.